# مشاهير الاسلام

مولوي عبدالرحيم منگسي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ جي سلسلي جو ڪتاب نمبر 125

# مشاهير الاسلام

مولوي عبدالرحيم منگسي

انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي
سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اداري جا حق ۽ واسطا قائم

چاپو پهريون]                [تعداد هڪ هزار

آگسٽ ١٩٨٦ع / ذوالحج ١٤٠٦هه

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

قيمت: -/20 رپيا

ڪور ڊزائين: منصور عالم ابڙو

ISBN 969-405-011-1

هي ڪتاب سردار پرنٽنگ پريس، گاڏي کاتو حيدرآباد ۾ ڇپيو ۽ مهتاب اڪبر راشدي، ڊائريڪٽر انچارج انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي- سنڌ يونيورسٽي، نئون ڪئمپس، ڄام شورو ضلعي دادو سنڌ مان پڌرو ڪيو.

sindhsalamat.com        books.sindhsalamat.com

# ناشر طرفان

جيڪڏهن سنڌي زبان جي علم و ادب جي ارتقا تي نظر وجهبي، ته معلوم ٿيندو ته انهيءَ ترقيءَ ۾ اسان جي سنڌ جي ديني عالمن جو وڏو حصو رهيو آهي. هنن رت ست نچوئي اسلاميات جي موضوع تي بي انتها ڪتاب لکيا ۽ سنڌي زبان کي ترقي وٺرايائون. اڄڪلهه سنڌي زبان جو جيڪو مان ۽ شان آهي، انهيءَ جي پيڙهه رکڻ وارا اسان جا اهي سڀاجها عالم ئي آهن.

اسان جي انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ طرفان هروقت اها ڪوشش رهي آهي، ته انهن عالمن جون محنتون ڪتابن جي صورت ۾ ڇپائي، سندن لکڻين کي آها ئي عزت ڏيون، جنهن جا هو حقدار آهن.

مولانا عبدالرحيم منگسيءَ جو شمار سنڌ جي انهن بزرگن ۾ شامل ٿئي ٿو. سندن لکيل هيءَ ڪتاب "مشاهير اسلام" ڇپائي اسان بيحد خوشي محسوس ڪري رهيا آهيون. ۽ اميد اٿئون ته علمي ۽ ديني حلقن ۾ اسان جي هن ڪوشش کي مان ملندو.

(مهتاب اڪبر راشدي)

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# فهرست


| نمبر | عنوان | صفحو |
|---|---|---|
| ١- | حضرت اويس قرني رضي الله عنه | ٥ |
| ٢- | حضرت سعيد بن جبير رضي الله عنه | ٨ |
| ٣- | سلمان فارسي رضہ | ١٤ |
| ٤- | عبدالله بن عمر رضہ | ١٥ |
| ٥- | عمر رضہ بن عبدالعزيز | ٢٠ |
| ٦- | خواجہ حسن بصري | ٢٦ |
| ٧- | امام شافعي | ٢٨ |
| ٨- | جنيد بغدادي رحہ | ٢٩ |
| ٩- | شيخ ابوبڪر شبلي | ٣٢ |
| ١٠- | امام حنبل | ٣٣ |
| ١١- | حسين منصور رحہ | ٣٦ |
| ١٢- | امام غزالي رحہ | ٣٨ |
| ١٣- | حڪيم عمر خيام | ٣٩ |
| ١٤- | حضرت شيخ عبدالقادر جيلاني رحہ | ٤٣ |
| ١٥- | حضرت شيخ ابونجيب سهروردي رحہ | ٤٦ |
| ١٦- | سلطان صلاح الدين | ٤٨ |
| ١٧- | خواجہ معين الدين چشتي اجميري | ٥٥ |
| ١٨- | بختيار ڪاڪي | ٥٦ |
| ١٩- | خواجہ فريدالدين مسعود گنج شڪر | ٥٨ |


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| صفحو | عنوان | نمبر |
|---|---|---|
| ٥٩ | سلطان المشائخ نظام‌الدين اولياءَ | ٢٠- |
| ٦١ | امير خسرو رحه | ٢١- |
| ٦٣ | مولانا مخدوم شاهه اسماعيل رحه | ٢٢- |
| ٦٧ | مخدوم صابر ڪليري | ٢٣- |
| ٦٨ | بوعلي شاهه قلندر پاني پتي | ٢٤- |
| ٦٩ | شيخ اڪبر محي‌الدين ابن عربي | ٢٥- |
| ٧٠ | شيخ بهاؤالدين زڪريا ملتاني رحه | ٢٦- |
| ٧١ | خواجه حافظ شيرازي | ٢٧- |
| ٧٤ | سـرمـد | ٢٨- |
| ٧٦ | سيد احمد بريلوي | ٢٩- |
| ٧٧ | امام اعظم ابو حنيفه | ٣٠- |
| ٧٩ | ابوالقاسم منصور فردوسي طوسي | ٣١- |
| ٨٢ | حڪيم بوعلي سينا | ٣٢- |
| ٨٣ | حڪيم ابوالقاسم عنصري | ٣٣- |
| ٨٣ | حڪيم سنائي غزنوي | ٣٤- |
| ٨٤ | مولانا شمس‌الدين محمد تبريزي | ٣٥- |
| ٨٤ | اوحدالدين انوري | ٣٦- |
| ٨٥ | فريد ڪاتب | ٣٧- |
| ٨٥ | شيخ نظامي گنجوي | ٣٨- |
| ٨٦ | شيخ ابوالفرح ابن جوزي | ٣٩- |
| ٨٦ | ظهيرالدين فاريابي | ٤٠- |
| ٨٧ | امام فخرالدين عمر رازي | ٤١- |
| ٨٧ | شيخ مجدالدين بغدادي | ٤٢- |


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| نمبر | عنوان | صفحو |
|---|---|---|
| ٤٣- | شيخ نجم الدين ڪبريٰ | ٨٧ |
| ٤٤- | شيخ فريدالدين عطار | ٨٨ |
| ٤٥- | مولانا بهاوالدين رحه | ٩٠ |
| ٤٦- | مولانا جلال الدين | ٩٠ |
| ٤٧- | خواجه نصيرالدين طوسي | ٩٠ |
| ٤٨- | شيخ مصلح الدين سعدي شيرازي | ٩١ |
| ٤٩- | مولانا سعدالدين عبدالرحمان جامي | ٩٢ |
| ٥٠- | شيخ سليم چشتي | ٩٢ |
| ٥١- | مولانا عرفي | ٩٣ |
| ٥٢- | ملڪ الشعرا ابوالفيض فيضي فياضي | ٩٣ |
| ٥٣- | شيخ ابوالفضل | ٩٤ |
| ٥٤- | ميرزا صائب | ٩٤ |


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# منگسي مشاهير اسلام

## حضرت اويس قرني رضي الله عنه

هي يمن ملڪ جي هڪڙي قبيلي قرن ۾ پيدا ٿيو. رسول الله صلعم جي اصحابن ۾ ان جو شمار نہ ڪونہ آهي ۽ نڪي رسول الله کي اُن ڏٺو بہ هو. مگر رسول الله صلعم جي زماني ۾ هي هو ۽ مسلمان بہ ٿيو هو. خليفن صاحبن جي زماني ۾ تہ سڀ ان جا چڱيءَ طرح واقف ٿي ويا هئا. حضرت اويس قرني تارڪ الدنيا هو. ان کان پوءِ جيڪو مجذوبن جو فرقو پيدا ٿيو تنهن جون حالتون اويس قرنيءَ جي حالتن سان گهڻو ڪري هڪجهڙيون هيون يا يونان جي مشهور حڪيم ذيوجالينس ڪلبانئن سان ان جون حالتون گهڻو ميان جُلن ٿيون. پيغمبر خدا صلعم ان جي گهڻي تعريف ڪئي هئي ۽ پنهنجن اصحابن کي اُن سان ملاقاتي ٿيڻ جي وصيت فرمائي هئي. جيڪڏهن ائين نہ هجي ها تہ پوءِ شايد هي خيال رهي ها تہ اويس قرني جي زندگيءَ جهڙو ماڻهو شريعت موجب محمود يا ڀلو ٿي سگهي ٿو يا نہ. جيڪا شريعت پيغمبر خدا صلعم جي ذات سان قائم ٿي تنهن ۾ دين ۽ دنيا ٻنهي جي ڀلائي سيکاري وئي ۽ اويس قرنيءَ بابت جيڪي پيغمبر خدا صلعم فرمايو تنهن تي جيڪڏهن خيال ڪيو وڃي ٿو تہ معلوم ٿو ٿئي تہ مجذوبن ۽ صوفين جو جيڪو خيال آهي سو بہ چڱو آهي. بهرحال علمائن ۽ اهل تصوف وارن جي جهڳڙن کان پري رهي فقط تاريخي حيثيت سان ايترو بيان ڪرڻو آهي تہ تابعينن مان جيڪي شخص مجذوبن جي قطار ۾ شمار ڪيا وڃن ٿا تن ۾ حضرت اويس قرنيءَ کي ماڻهو امام سمجهن ٿا. هتي هيءَ ڳالهہ لکڻ بہ بي موقع

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نہ آهي تہ آنحضرت صلعم، اويس قرنيءَ جي زندگي ضرور پسند
ڪئي هئي مگر پاڻ ان تي ڪو عمل ڪونہ ڪيائون ۽ نڪي
پنهنجن اصحابن کي انهيءَ نموني تي هلڻ جي هدايت فرمايائون.
ڇالاءِ تہ اويس قرنيءَ جي علمي برڪت فقط ان تائين يا ان جي
تابعن جي ذات تائين محدود هئي ۽ آنحضرت صلعم جي نائبن جي
روشنيءَ کان لکين ڪروڙين خدا جا بندا فائديمند ٿيندا رهيا.
سمجهو تہ هڪڙو اڃايل ماڻهو ڪنهن نهر تي پهچي رڳو پاڻ
پاڻي پيئي ٿو ۽ پيو پاڻ بہ پيئي ٿو ۽ پنهنجن ساٿين لاءِ پاڻيءَ
جي مشڪ ڀري اچي ٿو. هاڻي جيڪو فرق انهن ٻنهي جي وچ ۾
آهي اوترو ئي محدثن ۽ تصوف وارن يا اهل سلوڪ ۽ مجذوبن
جي وچ ۾ آهي.

مختلف روايتن کي ڇڏي مختصر طرح ڪجهہ احوال ان جو
لکيو وڃي ٿو. حضرت عمر رضہ ۽ حضرت علي رضہ، آنحضرت صلعم
جي فرمودي موجب انهن اويس قرنيءَ سان ملاقات ڪئي جو
عرفات جي جهنگ ۾ اٺ چاريندي ساڻن مليو. ٻنهي صاحبن السلام عليڪم
و رحمة الله چيو. اويس کين سلام جو جواب ڏنو. پاڻ پڇيائون تہ
تون ڪير آهين؟ جواب ڏنائين تہ اٺن جو چاريندڙ ۽ هڪڙي قوم
جو فرد. پاڻ نالو پڇيائون، جواب ۾ چيائين تہ عبدالله. پاڻ
فرمايائون تہ الله جا ٻانها تہ سڀئي آهن، جيڪو ماءُ پيءُ جو نالو
رکيل هجي سو ٻڌاءِ. اويس جواب ڏنو تہ ان سان توهان جو
ڪهڙو مطلب آهي. پاڻ چيائون تہ رسول الله صلعم جيڪي نشان
اسان کي ٻڌايا هئا سي تو ۾ ڏسون ٿا. توهان جي گردن جي هيٺان
اڇو داغ اسان کي پيغمبر جو ئي ڏسيل آهي. جڏهن معلوم ٿيو
تہ اويس قرني اهو ئي آهي تڏهن رسول الله صلعم جي وصيت موجب
انهن ٻنهي اويس قرنيءَ کي چيو تہ تون اسان ٻنهي جي لاءِ
خدا کان مغفرت جي دعا گهر. جڏهن اويس قرنيءَ رضہ، اميرالمومنين
عمر رضہ بن الخطاب ۽ حضرت علي رضہ ابن ابي طالب کي سڃاتو
تڏهن ٽپ ڏئي اٿي بيٺو ۽ انهن کي دعا ڪيائين حضرت عمر رضہ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو نه ته عام طرح ان کي چريو سمجهندا هئا.

هرم ابن حيان رضہ کان روايت آهي ته گهڻي ڳولها کان پوءِ هُن اويس رضہ کي فرات نديءَ جي ڪناري تي وضو ڪندي ڏٺو ۽ ان جي شڪل صورت مان ان کي سڃاتائين. اويس سلام جو جواب ته ڏنو مگر هٿ ملائڻ کان انڪار ڪيائين. گهڻي دير کان پوءِ ٻنهي ۾ گفتگو جو سلسلو جاري ٿيو. گهڻين ئي نصيحتن کان پوءِ نيٺ اويس رضہ آيت وَ ما خلقنا السماوات والارض وَما بينهما لا عبين ماخلقنا هما الا بالحق الیٰ قوله العزيزالعليم پڙهي ۽ هڪ دانهن وٺي ڪيائين. ٿوريءَ دير تائين بيهوشيءَ جي حالت ۾ رهيو. تنهن کان پوءِ چوڻ لڳو ته ابن حيان تنهنجو پيءُ مري ويو ۽ تون به سگهوئي مرندين ۽ جنت ۾ ويندين يا دوزخ ۾، آدم ۽ حوا جو به انتقال ٿيو. نوح، ابراهيم، موسیٰ، داؤد عليهم السلام وفات ڪئي. آنحضرت صلي الله عليہ وسلم نہ وفات ڪئي. خليفي پهرئين ۽ خليفي ٻئي به انتقال ڪيو. منهنجي وصيت توکي هيءُ آهي ته ڪتاب الله (قرآن مجيد) تي عمل ڪر، موت کي ياد رک، پاڻ به ڏج ۽ ٻين کي به ڊيڄاريندو رهہ. حضرت عمر رضہ جي زماني ۾ هي غزوات ۾ به شريڪ ٿيندو هو. غازين جي خدمت ۽ انهن جي مدد جي لاءِ انهن سان گڏ رهندو هو. آذربائجان کان موٽندي واٽ تي مري ويو. مگر خبر نٿي پوي ته هيءَ ڳالهہ ڪيتري قدر صحيح آهي. جنگ صفين ۾ حضرت علي رضہ جي فوج ۾ به هي هو ۽ اتي شهيد ٿيو.

## حضرت سعيد بن جبير رضہ الله تعاليٰ عنہ

هن کي حضرت عبدالله بن عباس ۽ حضرت عبدالله بن عمر رضہ جي شاگرديءَ جو فخر حاصل هو. ابن عباس هڪڙي ڏينهن ان کي چيو ته تون ماڻهن کي حديثون ٻڌائيندو رهہ. جواب ڏنائين ته اوهان جي هوندي مون کان اهو ڪم ٿي ڪين سگهندو. ابن عباس رضہ چيس ته هيءَ ته الله تعاليٰ جي عين نعمت آهي جو آءٌ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موجود آهيان. جيڪڏهن توڪان ڪنهن ڳالهه جي غلطي ٿيندي ته آءٌ ان جي اصلاح ڪري ڇڏيندس. پنهنجي استاد ابن عباس جي سامهون فتويٰ ڏيڻ جي جرأت ڪري نه سگهندو هو. جڏهن ابن عباس جي اکين جي روشنائي گم ٿي ويئي ۽ فتويٰ لکڻ کان معذور ٿي پيو تڏهن ابن عباس گهڻو خفي ٿيو. منهنس خفگيءَ جو سبب هي هو تہ آءٌ هينئر معذور ٿي پيو آهيان ۽ پوري طرح اصلاح ڪري نٿو سگهان. جيڪڏهن تون اهو ڪم اڳي ئي هٿ ۾ ڏنين ها تہ فتويٰ لکڻ ۾ توکي هينئر گهڻو مهاورو ٿي پوي ها. سعيد بن جبير کي سڀني قسم جي مسئلن جي پوري پوري واقفيت هئي. جيئن ته حنيف رضہ فرمائي ٿو تہ تابعين ۾ طلاق جي مسئلن ۾ سعيد بن المسيب ۽ حج جي مسئلن ۾ عطا ۽ حرام ۽ حلال ۾ طائوس ۽ تفسير ۾ مجاهد ماهر هئا. مگر اهي فضيلتون هڪ سعيد بن جبير ۾ گڏ هيون. امام احمد حنبل فرمائي ٿو تہ سعيد بن جبير رضہ تہ قتل ڪيو ويو، مگر هينئر سڄي دنيا جا ماڻهو ان جي علم جي طرف محتاج آهن. شروعات ۾ هي عبدالله بن عتبہ بن مسعود جو ڪاتب ٿي رهيو تنهن کان پوءِ ابي برده بن موسيٰ اشعري رضہ وٽ بہ انهيءَ ڪم تي رهيو. محمد بن حبيب کان روايت آهي تہ سعيد بن جبير رضہ جڏهن اصفهان ۾ هو تڏهن آئي ڪڏهن حديثون بيان ڪندو هو ۽ جڏهن ڪوفي ۾ آيو تڏهن اتي گهڻو ڪري حديثون بيان ڪرڻ لڳو. جڏهن ماڻهن ان جو سبب پڇيو تڏهن چيائين تہ ماڻهوءَ کي پنهنجو ساز ۽ سامان اتي پکيڙي رکڻ گهرجي جتي ان جا خواستگار هجن ۽ علم ۽ هنر اتي ظاهر ڪرڻ گهرجي جتي ان جا قدردان هجن. عبدالرحمان جڏهن عبدالملڪ تي چڙهائي ڪئي، تڏهن سعيد بن جبير رضہ عبدالرحمان سان گڏ هو. جڏهن عبدالرحمان مارجي ويو ۽ ان جي ساٿين کي شڪست پهتي تڏهن هو ديرجماجم کان پڇي، مڪي ۾ اچي پهتو. اتي جو گورنر انهن ڏينهن ۾ عبدالله بن خالد قسري هو، تنهن ان کي گرفتار ڪري اسماعيل بن واسط سان گڏ حجاج

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بن يوسف ڏي ڏياري موڪليو جو عبدالملڪ جي طرفان سيني گورنرن
جو اعليٰ آفيسر هو. جڏهن هي حجاج وٽ پهتو تڏهن ان پڇيس
تنهنجو نالو ڇا آهي؟ چيائين ته سعيد بن جبير. تنهن تي حجاج
چيو ته ائين نه بلڪ شقي بن ڪسير. پاڻ جواب ڏنائينس ته منهنجي
ماءُ، منهنجي نالي جي بنسبت توکان وڌيڪ واقفيت واري هئي.
هُن چيو ته تون ۽ تنهنجي ماءُ ٻئي بدبخت آهيو. تنهن تي فرمايائين
ته غيب جو ڄاڻندڙ ٻيو شخص آهي، توکي اسان ماڻهن جي بدبختيءَ
جي ڪهڙي خبر پئي. تنهن تي چيائين ته آءٌ توکي دنيا جي عوض
دوزخ ۾ موڪليندس. پاڻ جواب ڏنائين ته جيڪڏهن آءٌ ڄاڻان
ها ته تو ۾ ايتري طاقت آهي ته پوءِ آءٌ توکي پنهنجو معبود ڪري
بنايان ها. حجاج چيو ته هاڻي ٻڌاءِ ته محمد صلعم جي بنسبت تون
ڇا ٿو چوين؟ فرمايائين ته هو نبي الرحمة ۽ امام الهديٰ آهي. وري
پڇيائين ته ٻڌاءِ ته حضرت علي رضه جنت ۾ آهي يا دوزخ ۾؟
پاڻ فرمايائين ته آءٌ جنت ۾ داخل ٿي سيني ماڻهن کي سڃاڻان
ته پوءِ ٻڌائي سگهندس. وري پڇيائين ته پين خليفن جي بنسبت
تنهنجي ڪهڙي راءِ آهي. پاڻ فرمايائين ته "لست عليكم بوكيل"
هن ظالم وري پڇيو ته ٻڌاءِ ته تنهنجي سمجهه ۾ خليفن ۾ ڪهڙو
چڱو هو ۽ آهي. جواب ڏنائين ته جيڪو الله تعاليٰ کي راضي رکي.
پڇيائين ته ڪنهن الله تعاليٰ کي راضي رکيو. جواب ڏنائين ته
اها ڳالهه خدا ٿو ڄاڻي. حجاج چيس ته تون منهنجي ڳالهه جي
تصديق ڪر. جواب ڏنائين ته آءٌ توکي ڪوڙو نه چوندس. وري
پڇيائينس ته ڪهڙو سبب آهي جو تون کلين نٿو؟ جواب ڏنائينس
ته اها مخلوق ڪهڙي طرح کلي جو انهي مٽيءَ مان پيدا ٿي
آهي جنهن کي باهه ساڙي ٿي ڇڏي. حجاج چيو ته اسين ماڻهو ته کلون
ٿا. فرمايائين ته سيني جون دليون هڪجهڙيون ڪين آهن. تنهن کان
پوءِ حجاج جواهر گهرائي ان جي آڏو آڻي رکيا. پاڻ فرمايائين ته
جيڪڏهن هي شيون قيامت جي خوف کان ڪڏ ڪيون ويون آهن
ته چڱو نه ته انهيءَ ڏينهن جي پريشاني اهڙي ڏيندي جو کير

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جاءِ ڏني. وري چيائين ته جڏهن تون پهريون پيرو مون وٽ آيو هئين تڏهن مون توکي هڪ لک درهم حوالي ۾ ڏنا ته فقيرن ۽ مسڪينن کي خرچ لاءِ ڏئي ڇڏج. جنهن جو حساب ڪتاب مون اڄ تائين توکان ڪونه ورتو. پوءِ ڪهڙو سبب آهي جو تو اسان جي ماڻهن جي مخالفت ڪئي. پاڻ فرمايائين ته آءٌ عبدالرحمان بن محمد جي بيعت ڪري چڪو هوس. هُن ڪاوڙ ۾ اچي چيو ته ڇا عبدالملڪ جي بيعت اڳ ئي تنهنجي ڪنڌ تي ڪانه هئي؟ ائين چئي پوءِ هن جواب جو انتظار ڪونه ڪيو ۽ چيائين ته اي سعيد ٻڌاءِ ته آءٌ ڪهڙي طرح توکي قتل ڪريان؟ پاڻ فرمايائين ته جيڪا حالت تون پنهنجي لاءِ پسند ڪرين، ڇا لاءِ ته جنهن حالت ۾ تون مون کي قتل ڪندين تنهن ساڳيءَ حالت ۾ نيٺ تون به قتل ٿيندين. وري پڇيائينس ته ڇا تون معافي گهرين ٿو؟ فرمايائين ته معافي ته فقط الله جي طرف آهي، تنهنجي اڳيان نه ڪا معافي آهي ۽ نه پيو ڪو عذر آهي. تنهن کان پوءِ حجاج ان جي قتل جو حڪم ڏنو ۽ هي ان جي مجلس مان کلندو ٻاهر نڪتو. حجاج کي ان کلڻ جي خبر ڏني ويئي. جنهن ان کي وري گهرائي پڇيو ته ڇو ٿو کلين؟ جواب ڏنائين ته مون کي تنهنجي جرأت ۽ خدا جي تحمل ۽ بردباريءَ تي تعجب لڳي ويو ۽ انهيءَ ڪري کل به اچي ويئي. تنهن کان پوءِ جڏهن هن کي قتل ڪرڻ لاءِ ليٽايو ويو تڏهن چيائين ته ”انی وجهت وجهی للذی فطرالسماوات والارض حنيفا وما انا من المشرڪين.“ حجاج حڪم ڏنو ته هن جو منهن قبلي جي طرف کان ڦيرائي ڇڏيو. تڏهن وري فرمايائين ته ”اينما تولو فثم وجه الله.“ وري چيائين ته هن کي اونڌي منهن ليٽايو. تڏهن وري پاڻ پڙهيائين ته ”منها خلقناکم و فيها نعيدکم و منها نخرجکم تارة اخری.“ جڏهن حجاج ذبح ڪرڻ جو حڪم ڏنو تڏهن فرمايائين ته، اي حجاج هي مون کان وٺ ۽ ان سان گڏ قيامت جي ڏينهن مون سان ملاقاتون ڪندين، اها شيءِ هي آهي ”اشهد ان لااله الا الله وحده لاشريڪ له و اشهد ان محمدا عبده و رسوله“

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جڏهن هي ذبح ڪيو ويو تڏهن ان جي بدن مان تمام گهڻو خون جاري ٿيو. حجاج طبيبن کي گهرائي پڇيو ته هن جي بدن مان ڇو هيترو خون جاري ٿيو آهي. هن کان اڳ جيڪي به ماڻهو ڪُٺا ويا آهن تن مان ڪنهن هڪڙي جي بدن مان به ايترو خون ڪڏهن ڪونه نڪتو آهي. طبيبن جواب ڏنو ته خون روح جي ماتحت يا تابع آهي. جيڪي ماڻهو اڳ ڪُٺا ويا آهن، تن جو روح خوف جي ڪري اڳي ئي نڪري ويو هو انهي ڪري انهن مان رت به گهٽ نڪتو ۽ هن کي ڪو خوف ڪونه هو انهيءَ ڪري ان جو روح رت سان شامل هو ۽ انهيءَ ڪري خون به گهڻو نڪتو آهي. سعيد بن جبير رضه ذبح ٿيڻ وقت حجاج جي لاءِ بد دعا گهري هئي ته يا الله مون کان پوءِ هن کي ڪنهن جي قتل ڪرڻ جي طاقت نه ڏج. اتفاق سان ائين ئي ٿيو. شعبان سنه ٩٥هه ۾ ٤٩ ورهين جي عمر ۾ واسط جي شهر ۾ ان جي شهادت ٿي ۽ هو اتي ئي دفن ڪيو ويو ۽ حجاج انهيءَ سال رمضان جي مهيني ۾ مري ويو ۽ هن کي اهو موقعو ئي ڪونه مليو جو ٻئي کي قتل ڪري. حسن بصري رضه کي جڏهن سعيد بن جبير رضه جي قتل جي خبر پئي تڏهن هُن به حجاج لاءِ بد دعا ڪئي. فرمايائين ته جيڪڏهن روءِ زمين جا ماڻهو هن قتل ۾ شريڪ هجن ها ته الله تعاليٰ انهن سڀني کي اونڌي منهن ڀر دوزخ ۾ وجهي ها.
جڏهن حجاج بيمار ٿيو ۽ مرڻ کي ويجهو ٿيو تڏهن اڪثر بيهوش ٿي ويندو هو ۽ جڏهن هوش ۾ ايندو هو تڏهن اوچتو وٺي دانهن ڪندو هو ته ”مالي والسعيد بن جبير رضه“ جڏهن ماڻهن ان جو سبب ڪائنس پڇيو ته ڇو هن طرح دانهون ٿو ڪرين؟ تڏهن چيائين ته آءٌ ڏسان ٿو ته سعيد بن جبير منهنجو ڪپڙو جهلي چوي ٿو ته اي الله جا دشمن، تو مون کي ڪهڙي ڏوهه ۾ قتل ڪيو هو؟

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## سلمان فارسي رضه

هي اصل ايراني نسل جو هو. مسلمان ٿيڻ کان اڳ هن جو نالو مايه هو. بيان ڪيو وڃي ٿو ته هي اصفهان جي پسگردائي جي هڪڙي ڳوٺ ۾ هڪڙي ڪڙمي ماڻهوءَ جي گهر پيدا ٿيو هو. هڪڙي ڏينهن هو عيسائين جي ديول يا گرجا وٽان اچي لنگهيو ۽ عيسائين جي نماز جو نمونو هن کي پسند اچي ويو تنهن تي هن پڇا ڪئي ته هن مذهب جو مرڪز يا هيڊڪوارٽر ڪٿي آهي. سيئني هن کي ٻڌايو ته شام ۾ آهي جنهن ڪري هي شام ڏي روانو ٿي ويو ۽ هڪڙي شامي قافلي سان گڏجي شام ملڪ ۾ اچي پهتو جتي هڪڙي پادريءَ جي خدمت ۾ رهڻ لڳو. ان جي مرڻ کان پوءِ پيو هڪڙو تمام چڱو پادري ان جي جاءِ تي ويٺو. هڪ پيري هن پادري ان کي چيو ته اڄڪلهه سچاپچا مذهبي پيشوا ناپيد آهن فقط موصل ۾ هڪڙو شخص آهي جنهن سان ملي تون گهڻو خوش ٿيندين. جنهن ڪري هو پهريائين موصل ۾ آيو ۽ موصل کان پوءِ وري نصيبين، نصيبين کان عموريه ۽ عموريه جي پادري پنهنجي مرڻ وقت ان کي وصيت ڪئي ته ”هڪ پيغمبر پيدا ٿيڻ وارو آهي. جيڪڏهن تون ان سان ملندين ته پوءِ توکي دين جو رستو چڱيءَ طرح حاصل ٿيندو. مطلب ته هي مذهبي جوش ۽ شوق ۾ ڪنهن رهبر ڪامل جي ڳولا ۾ گهڻي مدت تائين سرگردان ڦرندو رهيو. انهي وچ ۾ ڪنهن ظالم هن کي پڪڙي پنهنجو غلام ڪري بنايو ۽ نيٺ مديني ۾ هڪڙي يهودي وٽ هي وڪجي آيو. جڏهن آنحضرت صلعم جن هجرت ڪري مديني ۾ آيا تڏهن آتي هيءَ آنحضرت صلعم جن سان اچي مليو ۽ مسلمان ٿي پيو. مسلمانن پاڻ ۾ ڦوڙي ڪري انهي يهوديءَ کان هن کي آزاد ڪرائي ڇڏيو.

هي وڏو صاحب علم ۽ تجربيڪار ماڻهو هو. خندق جي غـزوه ۾ هن جي ئي صلاح سان خندق کوٽي وئي هئي. خندق

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪوڻ وقت انصارن ۽ مهاجرن ۾ اگرائيءَ جو خيال پيدا ٿيو تڏهن هرهڪ ڌر هن کي پاڻ مان شامل ڪرڻ گهريو. آنحضرت صلعم جن فرمايو ته هي نڪي انصارن مان آهي ۽ نڪي مهاجرن مان آهي، هي منهنجي اهل بيت مان آهي. مسلمانن ۾ هن جي وڏي عزت ۽ درجو آهي. هن کي سُني ۽ شيعا ٻئي هڪجهڙو مڃين ٿا. هي وڏي قناعت وارو، رحمدل، فياض، زاهد ۽ نوڙت وارو ماڻهو هو. هي پڇاڙيءَ جي وقت ۾ مداين شهر جو امير هو ۽ بيت المال مان هن کي چار پنج هزار درهم ملندا هئا جي سڀ فقيرن کي ورهائي ڏيئي ڇڏيندو هو ۽ پنهنجي گذران لاءِ کجور جي پنن مان ڇٽابون يا ٽڪرون ٺاهي ان مان خرچ ڪندو هو ۽ جهنگ مان جلائو ڪاٺيون آڻي وڪڻندو هو. حضرت عيسيٰ عليہ السلام وانگر هن به پنهنجو گهر ڪڏهن ڪونه ٺاهيو.

هڪ ڀيري جڏهن هي مداين جو حاڪم يا گورنر هو تڏهن هڪڙي ماڻهوءَ ان کي چيو ته هيءَ بوجو يا بار منهنجي گهر تائين پهچائي اچ ته توکي سزوري ڏيان. جڏهن هيءَ اهو بوجو کنيو پئي ويو تڏهن ماڻهن انهي شخص کي چيو "ته هي ماڻهو ته هن ملڪ جو امير آهي. جنهن تي هن ماڻهوءَ ان کان معافي گهري بوجو لاهڻ لاءِ عرض ڪيو. سلمان رضہ چيو ته ڪجهه به هجي هي بوجو تنهنجي گهر تائين ضرور پهچائيندس". هن موقعي تي مولانا يعقوب عدسہ ديوبند جي بانيءَ جو قصو به ياد اچي ويو آهي. هن کان به ڪنهن مسافر پنهنجي گنڙي ريلوي اسٽيشن تائين کڻائي هئي. جڏهن ماڻهن وات تي ان کي سڃاتو تڏهن انهي کم کان روڪيائون .مگر هن ڪنهن جي به ڪانه ٻڌي.

## عبدالله بن عمر رضہ

پيدائش هجرت کان ڏهه ورهيه اڳ ۽ وفات سنہ ٧٣ هہ ۽ سنہ ٨٦ هہ جي وچ ۾. حضرت عبدالله رضہ رسول الله صلعم جو صحابي هو ۽ منهنجي سمجهہ ۾ ان جو درجو تمام اعليٰ آهي. چيو وڃي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تو ته نابالغيءَ جي وقت ۾ ئي پنهنجي پيءُ حضرت عمر رضہ جي ايمان آڻڻ کان اڳ هن آنحضرت صلعم تي ايمان آندو هو. مگر هن ڳالهه ۾ ته ڪوبه شڪ ڪونهي ته هن ٻاراڻي وقت ۾ ئي ايمان آندو هو ۽ حضرت عمر رضہ کان اڳ ئي هن مديني جي هجرت ڪئي هئي. آنحضرت صلعم جي صحبت ۾ هن مديني منور ۾ تربيت حاصل ڪئي ۽ گهڻن ئي غزواتن ۾ هي شامل رهيو.

پهرياڻين پهرياڻين هي غزوه خندق ۾ شامل رهيو. جنهن وقت ان جي عمر پندرهن ورهين جي هئي، ان کان اڳ جنگ بدر ۽ جنگ عهد ۾ به هن شامل ٿيڻ گهريو ٿي مگر آنحضرت صلعم جن ان کي منع ڪئي هئي. انهي ڪري ئي حضرت عمر بن عبدالعزيز خليفه بنواميه جي هي راءِ هئي ته پندرهون سال جواني ۽ ٻاراڻي حالت جي حد آهي ۽ انهي ڪري ئي هو گورنرن کي حڪم ڏيندو هو ته پندرهن ورهين کان گهٽ عمر جا ڇوڪرا عيال ۾ داخل آهن ان کان اڳ انهن جو وظيفو جدا بيت‌المال مان مقرر نه ڪيو وڃي. عبدالله بن عمر رضہ مڪي جي فتح ۾ شامل هو ۽ انهي ڳالهه تي هو فخر ڪندو هو. هي صاحب علم ۽ حد درجي جي سنت جو تابعدار هو. رياڪاريءَ کان هو بلڪل گوشو ڪندڙ هو. هن ۾ زهد ۽ بي پرواهي ۽ قناعت بلڪل گهڻي هئي. فياض، نوڙت، سچ چوڻ ۽ پنهنجي نفساتي خواهشن کي روڪڻ اهي سڀ عمديون صفتون ان ۾ موجود هيون.

هي شهزادو هو ۽ آنحضرت صلعم جي زماني ۾ لڙاين ۾ برابر شريڪ رهي چڪو هو ۽ مهاجرن ۾ ان جي وڏي عزت هئي. انهي هوندي به حضرت عثمان رضہ جي شهادت کان پوءِ جڏهن فتني ۽ فساد جو زمانو شروع ٿي ويو تڏهن هن ملڪي معاملن کان پاڻ کي بلڪل جدا ڪري ڇڏيو. نه فقط ايترو ڪيائين پر جنگ ۾ ڪنهن جي به طرفداري نه ڪيائين بلڪ بااثر ماڻهن ان کي پنهنجو بادشاه بنائڻ به گهريو ٿي مگر هي انڪار ڪندو رهيو. جڏهن ماڻهو ان کي تمام گهڻو ويڙهي ويندا هئا تڏهن

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فرمائيندو هو تہ جيڪڏهن سيني اسلامي ملڪن جا رهاڪو مونکي پنهنجو خليفو بنائيندا تہ مون کي انڪار ڪونہ آهي مگر جيڪڏهن ڪنهن هڪ ماڻهو بہ منهنجي خلافت کان انڪار ڪيو تہ پوءِ آءٌ خلافت قبول نہ ڪندس ۽ ڪڏهن هيئن نہ چوندو هو تہ جيڪڏهن ٻي ڪافر بہ منهنجي خلافت کان منڪر ٿيندا تہ تڏهن بہ آءٌ خلافت پسند نہ ڪندس.

هي حضرت علي ڪرم الله وجهہ ۽ امير معاويہ جي لڙاين کي ناپسند ڪندو هو. انهن مان ڪنهن سان هي شامل ڪونہ ٿيو. مگر حضرت علي رضہ کي هي معاويہ کان وڌيڪ بهتر سمجهندو هو. خود ان جي قول مان. انهيءَ ڳالهہ جو پتو لڳي ٿو: جيئن تہ هڪ روسرء جندل جي هنڌ جڏهن معاويہ ۽ حضرت علي رضہ وچم لڙائي لڳي تڏهن معاويہ هڪڙي اُٺ تي چڙهي نڪتو ۽ چيائين تہ ”ڪير آهي جو خلافت جي خواهش ٿو ڪري يا ان جي طرف پنهنجو گردن اوچو ڪري ٿو“ تڏهن منهنجي دل ۾ آيو تہ ان کي چوان تہ ”خلافت جي خواهش ان کي آهي جنهن توکي ۽ تنهنجي پيءَ کي موچڙا هڻي اسلامي جماعت ۾ داخل ڪيو هو. مگر ڪنهن ٻئي خيال اٿين چوڻ کان مون کي روڪي وڌو.

مڪي جي فتح واري ڏينهن جنهن ۾ حضرت عبدالله بن عمر رضہ بہ شامل هو. تنهن ۾ معاويہ ۽ ان جو پيءُ ڪافرن جي لشڪر ۾ هوا ۽ مسلمانن جي تلوارن کان ڊڄي انهن پنهي ايمان آندو هو. انهي ڳالهہ مان هي ڳالهہ بہ پڌري ٿي ٿئي تہ عبدالله بن عمر رضہ مڪي جي فتح ڪندڙن ۾ پنهنجو شامل هئڻ پنهنجي لاءِ ڪيترو نہ شرف جو سبب سمجهندو هو.

عبدالله بن عمر رضہ کي ٻين مسلمانن وانگر بيت المال مان گهڻو ئي ڪجهہ ملندو هو مگر هو سڀئي خرچ ڪري ڇڏيندو هو. پاڻ هميشه سادو کائيندو هو ۽ اهو بہ پيٽ پري ڪين کائيندو هو. هڪڙو ماڻهو ان وٽ چورن (مليدو) کڻي آيو تڏهن فرمايائين تہ چورن جي ضرورت ان کي کهڙي آهي جو پيٽ پري ماني

خليفي عبدالملڪ پنهنجي ڌيءَ فاطمہ جو حضرت عمر سان نڪاح ڪري ڏنو هو. حضرت عمر شاهزادگيءَ جي ڏينهن ۾ بين شاهزادن وانگر رهندو هو مگر هن جي دل درويشن جهڙي هوندي هئي. شهزادگيءَ جي ڏينهن ۾ هي حجاج جي علائقي جو گورنر هو. وليد بن عبدالملڪ جي ڏينهن ۾ مسجد نبويءَ کي وڏائي ڪشادي ڪرڻ جو ڪم هن جي ئي هٿان ٿيو. ايران ۽ خراسان ۾ جڏهن حجاج جو ظلم وڌي ويو تڏهن اتي جا گهڻا ئي عالم ۽ مشائخ اتان لڏي حجاز ۾ اچڻ لڳا. انهي ڪري حجاج عمر بن عبدالعزيز تي باغين کي پناهہ ڏيڻ جو الزام رکيو ۽ عمر بن عبدالعزيز وري حجاج کي اسلامي ملڪن جي بربادي جو سبب ظاهر ڪيو. نيٺ مسلمانن جي همدرديءَ ۾ عمر بن عبدالعزيز کي موقوف ٿيڻو پيو مگر سڄي اسلامي ملڪن ۾ ان جي عزت ۽ عظمت قائم ٿي وئي. خليفي سليمان جي وقت ۾ پاڻ وزير اعظم ٿي رهيو ۽ سليمان جي مرڻ کان پوءِ پاڻ خليفو ٿيو. معاويہ واري وقت کان وٺي بني اميہ جو هي دستور ٿي رهيو هو جو خطبي ۾ حضرت علي ڪرم الله وجهہ جي شان ۾ بد لفظ استعمال ڪيا ويندا هئا مگر جنهن نموني سان هن اهو دستور بند ڪيو تنهن جو دلچسپ واقعو هن طرح آهي تہ حضرت عمر بن عبدالعزيز جي دربار ۾ هڪڙو يهودي آيو جنهن کي حضرت عمر اڳي ئي سمجهائي تيار ڪري ڇڏيو هو، جڏهن يهودي آيو تڏهن وزير اعظم ان کان اچڻ جو مطلب پڇيو. تنهن تي يهودي چيو تہ فقط خليفي کي ئي ٻڌائڻ جي ڳالهہ آهي. تنهن تي خليفي فرمايو تہ حرڪت ڪانهي جيڪي چوڻو اٿئي سو چئي ڏي. يهودي چيو تہ ڳالهہ اهڙي آهي جنهن جي پڌريءَ طرح چوڻ ڪري سون کي سنهنجي جان جو ڊپ آهي. خليفي فرمايو تہ تنهنجي جان کي هرگز خطرو ڪونہ ٿيندو. انهي تي يهوديءَ خليفي جي نياڻيءَ سان شادي ڪرڻ جي خواهش ظاهر ڪئي. اها ڳالهہ ٻڌندي شرط درٻارين پنهنجون تلوارون مياڻن مان ڪڍي ورتيون. خليفي فرمايو تہ صبر ڪريو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شايد هن ڳالهه ۾ درپرده ڪا خوفناڪ سازش آهي. يهوديءَ کي فرمايائين ته اي يهودي، توکي تنهنجي موت ايترو بيصبر ڇو ڪيو آهي؟ يهوديءَ جواب ۾ عرض ڪيو تــه فقط اوهان جي عدل ۽ انصاف مون کي ايتري قدر دلير ڪيو آهي. خليفي فرمايو ته سچ ڳالهاءِ، جيڪڏهن ڪنهن ملڪي سازش سان تنهنجو واسطو ڪونه آهي ته توکي جان بخش ڪئي ويندي. يهوديءَ جواب ڏنو تـه مون گناهه ڪهڙو ڪيو آهي جو اوهين جان بخشي جو واعدو ٿا ڏيو. تڏهن خليفي فرمايو ته ڇا توکي گناهه ڪرڻ ۾ بہ شڪ آهي؟ جواب ڏنو ته هائو.

خليفي فرمايو ته آءٌ هڪ مسلمان آهيان ۽ تون ڪافر آهين. توکي منهنجي نياڻيءَ جي خواهش ظاهر ڪرڻ جي گستاخيءَ جي سزا لائق نہ آهي؟

يهوديءَ جواب ڏنو ته مون کي يهودي سمجهي بيگناهه سزا ڏيڻ بيانصافي نــه آهي ڇا؟ ڇا مسلمانن جون ڇوڪريون ڪافرن جي نڪاح ۾ ڪڏهن بہ ڪين آيون آهن ڇا؟

خليفي فرمايو ته هرگز نہ.

يهوديءَ جواب ڏنو تــه تڏهن توهين اسلامي مذهب جي احوال کان بيخبر آهيو.

خليفي فرمايو ته آءٌ بيخبر ڪونہ آهيان.

يهوديءَ چيو ته اوهين بلڪل بيخبر آهيو.

خليفي فرمايو ته هرگز نہ.

يهوديءَ چيو تــه اوهان جو مرتبو اوهان جي رسول کان وڌيڪ ته ڪونہ آهي؟

خليفي فرمايو ته منهنجو مرتبو ان جي پيرن جي خاڪ جي برابر بہ ڪونہ آهي.

يهوديءَ چيو ته اوهان جي پيغمبر صاحب، جنهن پنهنجي نياڻيءَ جو نڪاح هڪڙي ڪافر سان ڪري ڏنو هو. انهيءَ تي سڄي دربار غضب ۽ ڪاوڙ جي ڪري ڏڪي رهي هئي ۽ خليفو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهن جي پٺيءَ ڦري انهن کي ٽاري رهيو هو.

خليفي فرمايو ته اهڙو ڪوبه واقعو ڪونه ٿيو آهي.

يهوديءَ چيو ته ڇا لعنتي ڪافر نه آهي ڇا؟

خليفي فرمايو ته بيشڪ ڪافرن ۽ ظالمن تي لعنت ڪئي ويندي آهي.

يهوديءَ چيو ته ڇا پيغمبر صاحب جو نائي حضرت علي رضه ڪافر نه هو ڇا؟ جنهن سان پيغمبر صاحب جي نياڻي فاطمه رضه جو نڪاح ٿيو هو.

خليفي فرمايو ته استغفرالله ـ معاذالله ـ خدا پناهه ۾ رکي.

يهوديءَ چيو تـه ڇا حضرت علي رضه جي شان ۾ لعنت ملامت نٿي ڪئي وڃي؟

يهوديءَ جي هن جواب کان پوءِ سڀني درٻارين پنهنجون تلوارون مياڻ ۾ وجهي شرم کان ڪنڌ ڪٽي هيٺ ڪيا. انهيءَ تي خليفي درٻارين کي چيو تـه اسان جي پيءُ ڏاڏي دنياوي اقتدار حاصل ڪرڻ لاءِ ڪهڙا نه خوفناڪ گناهه ڪيا آهن ۽ انهي وقت کان وٺي ناملائيم لفظ جي خطبن ۾ حضرت علي رضه جي شان ۾ هئا تن جي ڪڍي ڇڏڻ لاءِ حڪم جاري ڪري ڇڏيائين ۽ سڀني عالمن ۽ بنواميه جي درٻاري اميرن حضرت عمر رضه جي راءِ سان اتفاق ڪيو ۽ خطبي ۾ انهيءَ هنڌ ربنا اغفرلنا ولا خواننا الذين سبقونا بالايمان ۽ ٻيءَ روايت موجب ان الله يا مرکم بالعدل ولا احسان و ايتاى ذالقربىٰ و ينها عن‌الفحشاى والمنڪر والبغي داخل ڪرايائين.

بني فاطمه رضه جي وارثن کي گهرائي فدڪ جو باغ انهن کي ڏئي ڇڏيائين. مسلم نالي هڪڙو امير جنهن جي بورچيخاني جو خرچ روزمره هڪ هزار درهم هوندا هئا، تنهن کي پنهنجي ملاقات لاءِ گهرائي گهڻي دير تائين ان سان ڳالهيون ٻولهيون ڪرڻ لڳو جنهن ڪري هن کي ڏاڍي بک اچي لڳي. ان کان پوءِ دال ۽ روٽي ان جي اڳيان حاضر ڪئي ويئي جا هن پيٽ ڀري

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تن کي هي ڪهڙي طرح قائم رکي ٿي سگهيو. هن عام طرح حڪم جاري ڪيو ته سڀ اهڙيون جاگيرون اڳين مالڪن کي موٽائي ڏنيون وڃن. انهيءَ حڪم تي سڀ شهزادا بگڙي پيا. ان جي پڇڻ تي ان کي گهڻوئي سمجهايو ته اهڙي طرح عام بغاوت پيدا ٿي پوندي. تنهن تي جواب ڏنائين ته مون کي بغاوت جو ايترو انديشو ڪونه آهي مگر خدا جي سامهون جو مون کي پنهنجي عملن جو حساب ڏيڻو آهي، تنهن جو مون کي سخت انديشو آهي. انهي ئي خانداني دشمنيءَ جي ڪري سندس غلام جي هٿان ڪيس زهر ڏياريو ويو. مرڻ مهل به هُن ڪي وڏا ڪم ڪيا. هڪڙو هيءُ ته غلام کي جو هڪ هزار دينار رشوت طور ڏنا ويا هئا، سي غلام کان وٺي بيت المال ۾ جمع ڪرائي ڇڏيائين ۽ چيائين ته انهي ئي بيت المال جو هي مال آهي. ٻيو غلام کان پڇا وٺي ان کي چيائين ته ڀاڄ ڪري لڪي ٻئي وڃ، متان ماڻهو تو کي ماري نه وجهن. نيٺ انهيءَ زهر جي اثر کان سندس انتقال ٿيو. عبدالملڪ دربار جو سلام ۽ دستور عجم جي بادشاهن جي نموني تي قائم ڪيو هو مگر حضرت عمر رضه جي وقت ۾ انهي بدعت تي ڪڏهن به عملدرآمد ڪونه ٿيو. سندس دربار ۾ جڏهن عيسائي يا يهودي، بني اميه شهزادن جي ڳذريل يا موجوده ظلمن جو فرياد آڻيندا هئا تڏهن انصاف جي وقت ٻئي ڌريون هڪجهڙي حالت ۾ بيهاريون وينديون هيون. هن جي وقت ۾ کوهه ۽ مهمان سرايون گهٽيون نه ٺهيون. بيمارن جي لاءِ شفاخانا ۽ يتيمن جي لاءِ يتيمخانا جاري ڪيا ويا. عورتن جي حقن حقوقن کان جيڪا چشم پوشي ملڪ ۾ پکڙي وئي هئي تنهن تي هن سختيءَ سان نظر رکي. گورنرن جي نالي يتيمن جي خبرداري ڪرڻ ۽ بيوه عورتن جي ٻئي نڪاح ڪرڻ لاءِ حڪم احڪام جاري ڪيا ويا. گورنرن جي نالي تي حڪم جنهن بيدار مغزيءَ سان ۽ هوشياريءَ سان جاري ٿيندا رهيا تن حضرت عمر فاروق رضه وارو زمانو ياد ٿي ڏياريو. پوليس جو انتظام هن تمام چڱو ڪيو ۽ پوليس جا ماڻهو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صاحب علم ۽ شريعت جا پابند مقرر هوندا هئا. انهي ڪري ان وقت جي پوليس جو انتظام بي نظير هو. سندس اخلاق ۽ سيڌي قول ۽ فعل جيڪڏهن بيان ڪيا وڃن ته ان لاءِ هڪ وڏو ڪتاب گهرجي. هتي فقط ايترو چوڻ ڪافي آهي ته بني اميه جهڙي ظالم بادشاهن جي سلسلي ۾ عمر بن عبدالعزيز جو ٿورن ڏينهن تائين اميرالمومنين ٿي رهڻ فقط خدا جو هڪ شان هو.

## خواجه حسن بصري

### پيدائش سنه ٢١هه وفات سنه ١١٠هه

سندس والد جو نالو موسيٰ راعي هو. مديني ۾ پاڻ پيدا ٿيو ۽ حضرت عمر رضه سندس نالو رکيو بصري ڪين انهيءَ ڪري ٿا چئن جو سندس اصلي وطن بصرو هو. ڪائنس تصوف جو سلسلو جاري ٿيو. هن حضرت علي رضه يا حضرت امام حسن يا ٻنهي جي بيعت ڪئي. شروعات ۾ پاڻ موچيءَ جو ڌنڌو ڪندو هو. بيعت ڪان پوءِ پنهنجو سال ملڪيت لٽائي گوشه نشيني اختيار ڪيائين ۽ اها گوشه نشيني هُن پڇاڙيءَ عمر تائين نباهي. حضرت رابعه بصري سندس شاگرديائي هئي. حجاج بن يوسف جهڙو بي ادب ۽ ظالم به هن جو گهڻو لحاظ رکندو هو. مشهور آهي ته هڪ ڀيري حضرت علي رضه جڏهن بصري ۾ تشريف فرما ٿيو تڏهن بصري جي واعظن کي وعظ ڪرڻ ڪان روڪڻ ۽ انهن جي ممبرن کي ڀڃڻ جو حڪم ڏنائين. انهي زماني تائون حسن بصري صوفين جي جماعت ۾ اڃا داخل ڪونه ٿيو هو ۽ اڃا واعظن ۽ عالمن جي درجي ۾ هو. هن جي وعظ جي مجلس ۾ جڏهن حضرت اميرالمومنين تشريف فرما ٿيو تڏهن هن کي وعظ ڪان منع ڪانه ڪيائين ۽ فرمايائين ته هي جوان شايسته ڪلام وارو آهي. پاڻ ممبر تان لهي حضرت علي رضه جي پٺيان اٿي هليو ۽ عرض ڪيائين ته مون کي وضو ڪرڻ سيکاريو. حضرت علي رضه ان کي سمجهايو ته پيغمبر خدا صلعم هن طرح وضو ڪندو هو. ذوق ۽ شوق جي ڪثرت ڪري

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو سدائين پيو رُنندو هو. پڇاڙيءَ ۾ سندن بدن فقط هڪ هڏن جو پڃرو ڏسڻ ۾ پيو ايندو هو. سندس وقت جي هڪڙي ڳالهه مشهور آهي ته پاڻ دجلي نديءَ جي ڪناري تي هڪڙي حبشيءَ کي ڏٺائين ته هڪڙي عورت کي پاڻ سان گڏ ويهاريو بوتل مان شراب ويٺو پيئي. اها حالت ڏسي کيس ڏاڍي ڪراهت ۽ بيچان لڳي. انهي وچ ۾ هڪڙي ٻيڙي دريا جي ڪناري کي ويجهو اچي ٻڏي پيئي ۽ ست ماڻهو درياءَ ۾ غوطا کائڻ لڳا. حبشي هڪدم پاڻيءَ ۾ ٽپي پيو ۽ ڇهن ماڻهن کي ٻاهر ڪڍي آيو ۽ تنهن کان پوءِ چيائين ته اي حسن، جيڪڏهن مون کان بهتر آهين ته ستين ماڻهوءَ کي پاڻيءَ مان ٻاهر ڪڍي اچ. تنهن کان پوءِ چيائين ته اي مسلمانن جا امام، هيءَ عورت منهنجي ماءُ آهي ۽ بوتل ۾ پاڻي آهي نه شراب. تون ڪنهن جي ظاهري حالت ڏسي ان جي اندر جو احوال معلوم ڪري نٿو سگهين. ان وقت کان ولي حسن بصري ڪنهن به بري کان بري ۽ گنهگار کان گنهگار کي به پاڻ کان بهتر ۽ ڀلو ڪري ڄاڻندو هو. هڪ ڀيري بصري ۾ اچي ڏڪار پيو، جڏهن ماڻهو نماز استسقا جي لاءِ اچي گڏ ٿيا تڏهن کيس ممبر تي چاڙهيائون ته ڪجهه بيان فرمائي. پاڻ جيڪي فرمايائين تنهن جو حاصل مطلب هي هو ته جيڪڏهن توهين ڪشادو رزق گهرو ٿا ته مون کي بصري مان ڪڍي ڇڏيو ته الله جون رحمتون اوهان تي نازل ٿين. پاڻ هڪ ڀيري فرمايائين ته پنج ماڻهو دنيا ۾ تعريف جا لائق آهن. هڪڙا علماء، جي نبين جا وارث آهن. ٻيا زاهد، انهي ڪري جو هو خدا جو رستو ڏيکارين ٿا ٽيان غازي، جي خدا جون اگهاڙيون تلواريون آهن. چوٿان سوداگر يا واپاري جي خدا جا امين آهن. پنجان بادشاهه جي خلق خدا جا ڌنار آهن. هشام عبدالملڪ جي خلافت ۾ سندس وفات ٿي. سندس ملفوظات گهڻا ئي آهن ۽ گهڻن ئي اخلاقي ڪتابن ۾ سندس قولن جو ترجمو فارسي نثر ۽ نظم ۾ صوفين ۽ شاعرن بيان ڪيو آهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## امام شافعي

### ولادت سنہ ۱۵۰ھ وفات سنہ ۲۰۲ھ

سندن نالو ابو عبدالله محمد آهي. سندس نسب عبدالمطلب بن هاشم رسول الله صلعم جي ڏاڏي تائين پهچي ٿو. هن طرح: ابو عبدالله محمد بن ادريس بن العباس بن عثمان بن شافع بن سائب بن عبيد بن عبد يزيد بن عبدالمطلب بن هاشم بن عبد مناف. سائب سندس ڏاڏو صحابي هو ۽ بدر جي جنگ ۾ مسلمان ٿيو هو. سائب جو صاحبزادو شافع انهن ماڻهن مان هو جن آنحضرت صلعم کي ڏٺو هو ۽ مشهور ماڻهو هو. انهي ڪري ابو عبدالله محمد کي ماڻهو شافعي ۽ سندس علم ۽ فضل جي ڪري امام شافعي چوندا هئا.

سندس ولادت جي هنڌ بابت اختلاف آهي مگر هن ڳالهہ تي سڀ متفق آهن تہ هو مڪي معظم ۾ نپجي وڏو ٿيو. تمام ننڍيءَ عمر ۾ ئي هي قرآن جو حافظ ٿيو ۽ موطائي امام مالڪ بہ ياد ڪري ورتائين. جيئن تہ جڏهن هي امام مالڪ وٽ موطائي پڙهڻ ويو ۽ امام مالڪ پڇيس تہ ڪتاب ڪٿي آهي؟ تڏهن جواب ڏنائين تہ موطائي مون کي ياد آهي ڪتاب جي ضرورت ڪانهي. ڪيتري مدت تائين هي امام صاحب جي خدمت ۾ رهيو، تنهن کان پوءِ بغداد تشريف فرما ٿيو ۽ پوءِ مڪي شريف ۽ وري بغداد ۾ آيو. تنهن کان پوءِ مصر ۾ گهڻو وقت وڃي رهيو ۽ هيءَ وقت ان جي تصنيفات جو هو. اصول دين ۾، هن جا چوڏهن ڪتاب ڏهيل آهن ۽ فروع مذهب ۾ تہ اڃا بہ وڌيڪ آهن. امام مالڪ ان جو استاد ۽ امام احمد بن حنبل ان جو شاگرد هو. ٽي امام اهي ۽ چوٿون امام ابوحنيفہ آهي. اهل سنت و الجماعت وارا انهن چئني کي علم فقہ جو امام ڪري مڃين ٿا. ايرندي جي ملڪن ۾ ابوحنيفہ جا تابع گهڻا آهن. مگر عرب ۽ ان جي الهندي پاسن ۾ ۽ هندي پيٽن جاوا وغيره ۾ امام شافعيءَ جا پيروي ڪندڙ گهڻا آهن. جيڪڏهن ساري دنيا جي مسلمانن جو شمار ڪري

sindhsalamat.com        books.sindhsalamat.com

ڏسبو تہ انهن ۾ وڏيڪ عدد شافعين جو نڪرندو.

پاڻ صبح جو اٿندي ڏينهن جي ماني ڪائي ڇڏيندو هو. خليفي هارون‌الرشيد جڏهن ان جو سبب پڇيس تڏهن جواب ڏنائين تہ "هي وٽندڙ وقت ٿيندو آهي. تڏو پاڻي ۽ مکيون ٿورَيون آهن" امام شافعي جو قول آهي تہ عالمن جي زينت فقر ۽ قناعت آهي. اماّ ابوحنيفہ رضہ جا شاگرد امام شافعيءَ جي وڏي تعظيم ڪندا هئا. جنهن ڏينهن امام ابو حنيفہ رضہ وفات ڪئي هئي انهيءَ ساڳئي ڏينهن امام شافعيءَ جي ولادت ٿي. امام‌شافعي شاعر بہ هو. ان جو هي قول هو تہ دولتمند عقل کان بدنصيب رهندو آهي. خوش‌نصيبي ۽ عقل پاڻ ۾ هڪٻئي جا ضد آهن. هي تقدير جو قائل يا مڃيندڙ هو ۽ تدبير کي بيڪار سمجهندو هو. يعني هيئن سمجهندو هو تہ جڏهن تقدير موافق هوندي آهي تڏهن تدبير جي توفيق خودبخود پيدا ٿي پوندي آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن تدبير کان سواءِ بہ ڪم پورو ٿي پوندو آهي. سندس هڪڙي شعر جو هي مطلب آهي تہ "جيترو زماني مون کي ادب سيکاريو اوترو ئي مون کي پنهنجي نقصان جي خبر پئي ۽ جيتري قدر منهنجو علم وڌيو اوتري قدر مون کي پنهنجي ناداني ۽ جهل جي خبر پئي. سندس وفات ٥٨ ورهين جي عمر ۾ بيان ڪئي وڃي ٿي مگر پيدائش ۽ وفاتيءَ جا سال جي مٿي ڏيکاريل آهن تنهن موجب فقط ٥٢ ورهيہ ٿين ٿا.

## جنيد بغدادي رحہ

حضرت جنيد بغداديءَ جي ولادت بغداد ۾ ٿي هئي ۽ اتي ئي پلجي وڏو ٿيو. حضرت سري سقطي سندس مامون هو ۽ ان وٽان ئي هن ظاهري علم جي حاصل ڪرڻ کان پوءِ باطني علم حاصل ڪيو. ننڍپڻ ۾ ئي هُن پنهنجي ماميءَ سان گڏ ڪيترا ڀيرا حج ڪيو. ان جي‌ئي صحبت ۽ ٻين مشائخن جي صحبت هن کي گھڻو فائدو پهچايو. پاڻ شيشي جي ٿانون جو واپار ڪندو هو ۽ تنهن کان پوءِ وري ريشمي ڪپڙي جو واپار شروع ڪيائين. پڇاڙيءَ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي موجود هئڻ جا دعويدار ٿي پون ٿا جي وصفون خود پيغمبر خدا صلعم جي ذات پاڪ ۾ به ڪين ٿي ڏسڻ ۾ آيون. بلڪ آنحضرت صلعم جي اها ئي تلقين هئي ته اهڙين وصفن کي دين جي بزرگن ڏي منسوب ڪرڻ يهودين ۽ عيسائين جي گمراه زندگي وانگر آهي. خاص مطلب هي آهي ته صوفيه ڪلام جن ڳالهين جا دعويدار هئا يا آهن سا به نبوي تعليم آهي جنهن جو سکڻ نااهل ماڻهن لاءِ نڪي اڳي مناسب هو ۽ نڪي هينئر ئي مناسب آهي. مگر جيڪي ان جا اهل آهن سي اها تعليم حاصل ڪري اها لذت جاويد حاصل ڪن ٿا جا بيان ڪرڻ کان ٻاهر آهي.

## شيخ ابوبڪر شبلي

سنه ۲۴۷ هه — ۳۳۴ هه

ابو بڪر سندس نالو هو ۽ سندس پيءُ متوڪل بالله عباسيءَ جي دربار ۾ نوڪر هو. ماوراءُ النهر جي ويجهو شبله نالي هڪڙو ڳوٺ آهي جتان سندس وڏا آيا هئا. انهي ڪري سندس والد کي به ماڻهو شبلي سڏيندا هئا. متوڪل بالله جو قتل ٿيڻ ۽ سندس پيدا ٿيڻ هڪڙي ئي سال سنه ۲۴۷ هه ۾ ٿيو. پاڻ ابتدائي علم حاصل ڪرڻ کان پوءِ مالڪيه فقه جي تحصيل ڪيائين. تنهن کان پوءِ محدثن جي جماعت ۾ شامل ٿيو. انهي زماني ۾ پاڻ نهاوند جو حاڪم مقرر ٿيو مگر پوءِ دربار خلافت جي تلون يا رنگارنگيءَ تي نظر ڪري هن استعيفا ڏئي ڇڏي. تنهن کان پوءِ هن جنيد بغداديءَ جي وٽ بيعت ڪئي. ان وقت تائين هن جي دماغ ۾ اڃا نهاوند جي حڪومت جي هوا پريل هئي تنهن ڪري هن کي ڪماليت حاصل ڪرڻ ۾ گهڻو عرصو لڳو. جڏهن نفس بلڪل اختيار ۾ اچي ويس تڏهن برڪتن جو نزول به شروع ٿيو ۽ پاڻ جوش خروش ۽ محويت جي درجي ۾ اچي ويو. خليفو مقتدر هن جي وڏي خاطرداري ڪندو هو. پاڻ نهايت نفس ڪش هو ۽ پنهنجن مريدن کي به نفس ڪشيءَ جي تعليم ڏيندو هو. هڪڙو قصو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ وڏو صاحب علم ۽ متقي هو. متوڪل به اهڙو هو جو ماڻهن جي قيمتي سوڪڙين ولڻ کان به انڪار ڪندو هو.

سڀ کان اڳ امام ابوحنيفه رضه کي هيءَ ضرورت ڏسڻ ۾ آئي ته قرآن ۽ حديث موجب هڪ قانوني مجموعو بنايو وڃي ته قوم ۾ اختلاف راءِ پيدا نه ٿئي ۽ نڪي غلط مسئلن جي اشاعت ٿيڻ ۾ اچي. سندس انهيءَ خيال جي تائيد دربار خلافت مان به ٿي. سندس ٻه شاگرد امام ابويوسف ۽ امام محمد سندس مددگار هئا. امام ابويوسف بغداد جو قاضي القضاة مقرر ٿيو. انهي ڪري ابوحنيفه رضه جي ناموس ۽ واڪاڻ اڃا به وڌي ويئي. جي ماڻهو حنفي آهن سي ابوحنيفه رضه جي اجتهاد جا قائل آهن. مگر جتي امام ابويوسف ۽ امام محمد ٻنهي جي اتفاق راءِ ابوحنيفه جي خلاف ٿئي ٿي اتي اامين يعني امام ابويوسف ۽ امام محمد جي مڃي وڃي ٿي. باوجود ان جي انهن ٽنهي جا مقلد پاڻ کي حنفي چون ٿا. امام ابوحنيفي رضه کان پوءِ امام ابوحنيفي جي شاگرد امام مالڪ پنهنجي استاد مان ايترو وڌيڪ اختلاف ڪيو جو هو وري پيو امام مقرر ٿيو. اهڙي طرح امام مالڪ جي شاگرد امام شافعي پنهنجي استاد کان به وڌي ويو ۽ وري امام شافعي جي شاگرد امام حنبل به جدا امامت جو درجو حاصل ڪيو. يعني ابوحنيفي کان وٺي امام حنبل تائين شاگردن پنهنجن استادن جي راين سان جيڪو اختلاف ڪيو تن اختلافن کي قوم به قبول ڪري ورتو. ۽ سلطنت جنهن جو ڪم آهي قانون ناهڻ، تنهن به انهن امامن جي ملڪي خدمت کي قبول ڪيو. هن کان پوءِ عربن جي حڪومت گهٽجڻ لڳي ۽ ٻين قومن جي مسلمان بادشاهن ايتري جرأت ڪانه ڪئي جو وقت جي عالمن جي حوصله افزائي ڪن. انهي ڪري اجتهاد امام حنبل تي پورو ٿي ويو. مگر جيڪڏهن ائين نه ٿئي ها ته چڱو هو. امامن جي راين جو اختلاف بعينه هائي ڪورٽ جي ججن جي اختلاف راءِ جهڙو آهي. جديد نظائر، قديم نظائرن کان وڌيڪ صحيح هوندا آهن. امام مالڪ، امام ابوحنيفي جي معلومات تي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نظرثاني ڪئي ۽ امام شافعيؒ، امام مالڪ جي مسئلن تي نظرثاني ڪئي ۽ امام حنبل ته گويا ٽنهي اڳين امامن جي ڏاهيل فقهي مسئلن جي نظرثاني ڪئي. انهن امامن کي فقط حق جي تحقيق ڪرڻ جو فڪر هو. هنن پنهنجن استادن جي احسان کان ڪڏهن به منهن ڪونه موڙيو. بيان ڪيو وڃي ٿو ته حضرت شيخ عبدالقادر گيلاني به حنبلي هو. جيتوڻيڪ ان جون فتوائون شافعي ۽ حنبلي ٻنهي طريقن تي زماني جي ضرورت جي نظر تي جاري ٿينديون هيون. امام حنبل جا پيروي ڪندڙ هينئر ٿورا آهن مگر انهي ڪري ان جي فقه جي تحقيقات جو وقار گهٽ ٿي نٿو سگهي. هڪڙي زماني ۾ مصر جي بادشاهه کي هي گمان پيدا ٿيو ته انهن چئني امامن جا مقلد يا پيروي ڪندڙ هڪٻئي ۾ متان تعصبات جا بنياد قائم ڪري نه وجهن انهي ڪري هن خانهڪعبه جي چئني طرفن چار مصلا چئني فرقن جي لاءِ قائم ڪري ورتا. جن ۾ جيتوڻيڪ نماز جا امام ته چئني مختلف فرقن جا ٿيندا هئا مگر مقتدين ۾ ڪو به فرق ڪونه ٿيندو هو ۽ اهو ئي دستور اڄ تائين قائم آهي. انهي طرح انهن چئني فرقن ۾ اتحاد قائم ٿي ويو مگر آئنده لاءِ اجتهاد جو دروازو بند ٿي ويو ۽ جناب پيغمبر خدا صلعم اسلامي مسئلن جي نسبت جنهن آزاد خيالن جو دروازو کولي ڇڏيو هو سو بند ٿي ويو. انهي زماني ۾ شيعن ۽ سنين ۾ ايتري جدائي يا تفريق ڪانه هئي جيڪا هينئر آهي ۽ نڪا شيعن جي فقه جدا ڏهيل هئي. نه ته شايد انهن جي لاءِ به هڪ مصلو ڪنهن هڪڙي مصلي جي جاءِ تي قائم ٿي پوي ها. جيڪڏهن ائين ٿئي ها ته تمام چڱو هجي ها جو هاڻوڪو هڪٻئي وارو نفاق بند ٿي وڃي ها ۽ هن نتيجي تائين حالت نه پهچي ها جو پاڻ کي ته ناجي يا بهشتي سمجهن ها، ٻئي کي ناري يا دوزخي. هينئر به جيڪڏهن اسلامي ملڪن جا علماءَ پاڻ ۾ متفق ٿي مالڪي ۽ حنبلي مصلا هڪ طرف ڪري شيعن جو به هڪ مصلو قائم ڪري وجهن ته هوند شيعن ۽ سنين جو اختلاف دفع ٿي وڃي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

امام حنبل جي والده مروَ کان بغداد آئي جتي امام حنبل پيدا ٿيو يا شيرخواريءَ جي حالت ۾ پنهنجي ماءُ سان بغداد آيو. مسئلي خلق قرآن جي نسبت هن پورو جواب وقت جي خليفي کي ڪونہ ڏنو انهي ڪري هي بہ سنہ ٢٢٠هہ ۾ قيد ڪيو ويو ۽ ٣٨ ڏينهن قيدخاني ۾ رهيو ۽ ستن ڏينهن جي بيماريءَ کانپوءِ وفات ڪري ويو. قرآن جي مخلوق ۽ غيرمخلوق هئڻ جو بحث مامون‌الرشيد قاضي احمد بن داوود معتزلہ جي چوڻ تي پيدا ڪيو هو. انهن حالتن کي ڏسي حيرت ٿي وڃي ٿي تہ مامون‌الرشيد جهڙي هوشيار خليفي جي وقت ۾ اهڙي لاطائل ۽ بيهودي بحث تي گهڻن ئي علمائن ڪرامن کي صدما پهتا ۽ جانيون تلف ٿيون. علماءَ قرآن کي غيرمخلوق ۽ خليفو مخلوق چوندو هو. اهو فقط لفظي بحث هو نہ تہ خدا جي خالق مطلق هئڻ ۾ ڪنهن کي بہ شڪ شبهو ڪونہ هو. ممڪن آهي تہ ان ۾ ڪي ملڪي مصلحتون بہ درپرده رهيون هجن. مامون‌الرشيد امام حنبل کي گهرايو هو مگر ان جي حڪم پهچڻ کان اڳ ئي هو وفات ڪري ويو هو. امام جي قيد جو حڪم ان جي پٽ خليفي معتصم ڏنو هو جو پنهنجي پيءُ سان همخيال هو يا ان جي حڪمن کي جاري ڪندڙ هو.

## حسين منصور رحہ

### وفات سنہ ٣٠٩ هہ

سندس نالو حسين بن منصور هو مگر منصور جي ئي نالي سان هي مشهور ٿيو. منصور هڪ نومسلم شخص ايران جي ڪنهن ڳوٺ ۾ رهندڙ هو جتي حسين بہ پيدا ٿيو. تمام ننڍپڻ ۾ هي پنهنجي پيءُ سان گڏ عراق عرب هليو آيو هو ۽ شوستر جي شهر ۾ هن درسي ڪتاب پڙهي پورا ڪيا. تنهن کان پوءِ هو بغداد آيو جتي جي آب و هوا ان وقت ڪجهہ اورئي قسم جي هئي. علماءَ پنهنجي ظاهري علم کي ڇڏي تصوف ۾ مستغرق هئا. جڏهن حسين بن منصور آيو تڏهن هو بہ حضرت ابوالحسين نوري ۽

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حضرت جنيد بغداديؒ جي صحبت ۾ رهڻ لڳو. اتان وري جڏهن هو بصري ويو تڏهن اتي عمر بن عثمان جي خدمت ۾ رهڻ لڳو. تصوف ۾ عمر بن عثمان جو درجو وڏيل هو. هن ڪيترائي ڪتاب لکيا هئا مگر عام ماڻهن تي هو ظاهر ڪونه ڪندو هو. حسين بن منصور ڪنهن طرح انهن ڪتابن تائين پهچي ويو، انهن ڪتابن جي پڙهڻ کان هن جي اهڙي حالت ٿي پئي جهڙي طرح ڪو ماڻهو عمدي غذا کائي وهي مگر ان کي هضم ڪري نه سگهي. سيئي علماءُ حسين بن منصور کان ان جي خلاف شرع ڳالهين جي ڪري بيزار ٿي پيا. عمر بن عثمان جي به هلڪائي ٿي پئي انهي ڪري هو به ان کان ناخوش ٿي پيو. حسين پنهنجي پير کي ناخوش ڏسي وري به حضرت جنيد وٽ بغداد ۾ آيو. جڏهن حضرت جنيد سان به ان جي اٿبٽ ٿي پئي تڏهن هو وري شوشتر ۾ آيو. هتي ان جي طبيعت ذرا سڌري ۽ عالمانه رنگ ظاهر ٿين لڳو مگر وري به هن کي جوش پيدا ٿيو ۽ خراسان، ماوراءالنهر، سيستان، فارس، ڪرمان ۽ بصري کان ٿيندو مڪي مڪرمه ۾ پهتو جتي چار سؤ مشائخ آن سان گڏ هئا. مڪي ۾ پهچڻ کان پوءِ انهن کي موڪل ڏئي ڇڏيائين ۽ اڪيلو رهي سخت کان سخت رياضتون ڪرڻ شروع ڪيائين. انهن رياضتن ڪري هن ۾ هڪ اهڙي وحشت پيدا ٿي پئي جو هُن وري به سفر ڪرڻ شروع ڪيو. هندوستان ۽ چين تائين پهتو ۽ چين ۾ ته اسلام جي تبليغ ڪندو رهيو. تنهن کان پوءِ وري به مڪي ۾ اچي به سال رهيو. تنهن کان پوءِ وري به مست ۽ ازخود رفته ٿي گهڻن ئي شهرن ۾ ويو مگر ڪٿي به هن کي عزت سان رهڻ نصيب نه ٿيو. تنهن کان پوءِ وري به بغداد ۾ اچي رهيو جتي حضرت شبليؒ سان مليو. جنهن هن کي تصوف جي راز ڳجهي رکڻ لاءِ سمجهايو مگر هي ضبط ڪري نه سگهيو ۽ اناالحق جو نعرو بلند ڪيائين. انهي تي عالمن وري به هن کان اختلاف ڪيو ۽ صوفين ڪرامن به ان کي سڏ ۾ سڏ ڪونه ڏنو. نيڪ علمائن

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي فتوائن موجب هو قيد ڪيو ويو ۽ قيد کان پوءِ قتل ڪيو ويو. مقتدر باالله جي وقت ۾ هي قتل ٿيو. فقط شرعي الزام هن جي قتل جو سبب ڪين هو پر وزير جي مخالفت ان جي قتل جو اصلي سبب هئي. جنهن ۾ ملڪي غرض ۽ مطلبن جو به ڪجهه حصو شامل هو. علمائن هن جي قتل جي فتويٰ تمام گهڻي دير کان پوءِ ڏني هئي.

## امام غزالي رحه

ولادت سنه ٤٥٠هه وفات سنه ٥٠٥ هه

خراسان ۾ طوس نالي هڪڙو ڳوٺ آهي جو سندس جنم ۽ دفن ٿيڻ جو هنڌ آهي. غزالي ڪيس ڪهڙي ڳالهه ڪري چون ٿا تنهن بابت مختلف قول آهن جن جي بيان ڪرڻ جي ضرورت ڪانهي. سندن نالو ابوحامد محمد بن محمد بن محمد بن احمد غزالي آهي. سندس مذهب شافعي هو. پهريائين پنهنجي وطن ۾ پڙهي تنهن کان پوءِ نيشاپور ۾ به علم حاصل ڪيائين. نيشاپور مان اچي نظام الملڪ طوسيءَ سان مليو. نظام الملڪ هن جي وڏي عزت ڪئي ۽ مدرسه نظاميه ۾ هن کي مُدرس يا ماستر مقرر ڪيائين. ان کان پوءِ هن اهي دنياوي جهڳڙا ڇڏي ڏنا ۽ حج ڪرڻ لاءِ هليو ويو ۽ زهد ۽ تقويٰ سان حياتي گذارڻ اختيار ڪيائين. ان جي شروعات هن دمشق ۾ ڪئي. ڪجهه وقت تائين هن هڪڙي مسجد ۾ تعليم ڏيڻ جي مشغولي رکي ۽ تنهن کان پوءِ وري بيت المقدس ۾ وڃي ڪجهه وقت عبادت الاهيءَ ۾ مصروف رهيو. هن جو ارادو هو ته مراڪش ۾ وڃي رهان. مگر ان ۾ هن کي ڪاميابي نه ٿي. ڪجهه مدت سڪندريه ۾ رهي هن ڪتابن لکڻ جي مشغولي رکي. هن جا گهڻا ئي تصنيف ٿيل ڪتاب زماني ۾ مشهور آهن. تنهن کان پوءِ هي وري نيشاپور ڳهرايو ويو ۽ مدرسه نظاميه ۾ هن تعليم ڏيڻ جو ڪم شروع ڪيو. معلوم هجي ته بغداد وانگر نيشاپور ۾ به مدرسه نظاميه

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قائم هو جو ساڳئي وقت ۾ قائم ٿيو هو. هن کان پوءِ هو وري طوس ۾ موٽي آيو جتي هن هڪ صوفين خانقاهه ۽ مدرسو تيار ڪرايو ۽ ان ۾ تعليم ڏيڻ لڳو ۽ انهي ئي مشغوليءَ ۾ پاڻ وفات ڪيائين.

ڪتاب احياءالعلوم ان جي تصنيف آهي جنهن جو اردو ترجمو به هندستان ۾ شايع ٿي ويو آهي، انهي ڪري هندستان جو سڀڪو ذي علم صاحب ان کي سچائي ٿو. شرعي مسئلن کي هو عقلي دليلن سان ثابت ڪندو هو انهي ڪري هن جو لقب حجةالسلام مشهور ٿي ويو. انهي اسلامي خدمت جي عيوض ۾ مٿس ڪفر جون فتوائون به ڏنيون ويون هيون مگر نيٺ اهي فتوائون قائم ڪين رهيون. هن وقت ڪنهن به اختلاف کان سواءِ سڀني اسلامي ملڪن ۾ سندس تاليف ٿيل ڪتاب مستند ۽ معتبر مڃيا وڃن ٿا. ۽ هن ڳالهه ۾ شڪ ڪونهي ته مجتهدين فقه ۽ جامع حديث کان پوءِ هن جيڪو اسلام کي فائدو پهچايو هو سو سڀ کان پهرئين درجي ۾ آهي.

## حڪيم عمر خيام

### وفات سنه ١١٣٠ع

هن جو پورو نالو غياث‌الدين ابوالفتح عمر ابن ابراهيم آهي ۽ شاعري تخلص خيام آهي. آن جو آبائي پيشو يا ڌنڌو چادرون يا تنبو سبڻ هو انهي ڪري هن پنهنجو تخلص به آبائي پيشي جي لحاظ کان رکيو. هي ننڍي هوندي علم حاصل ڪرڻ لاءِ امام موفق نيشاپوريءَ وٽ ويو. نظام‌الملڪ طوسي ۽ حسن بن صباح ان جا هم مڪتب هئا. امام موفق جا شاگرد عام طرح خوشحال رهندا هئا ۽ ان جي هرهڪ شاگرد جو هي خيال هوندو هو ته هي اسان جي شاگردي خوشحاليءَ جو زينو يا ميڙهيءَ آهي انهي ڪري هنن ٺهي به پاڻ ۾ هي انجام ڪيو ته اسان مان جڏهن ڪنهن هڪڙي کي به دنياوي عزت ۽ طاقت حاصل ٿيندي تڏهن

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو پين جي مدد ڪندو. اتفاق سان نظام الملڪ الپ ارسلان سلجوقيءَ جو وڏي وزير ٿيو ۽ ان کان پوءِ ان جو پٽ ملڪ شاھ سلجوقيءَ جو وزير اعظم رهيو. جڏهن هي وزير اعظم هو تڏهن هن جي وڏي ڌوم ڌام هئي ۽ انهي وقت حسن بن صباح هن وٽ آيو تڏهن پنهنجي وعدي موجب هن نظام الملڪ جي دربار ۾ هن کي اميريءَ جو درجو وٺرائي ڏنو مگر هُن درباري شاھيءَ جي برخلاف سازش ڪئي ۽ نظام الملڪ سان ٻه بيوفائيءَ جي هلت هليو. جنهنڪري درگاھ سلطاني مان لوڌيو ويو. جنهن کان پوءِ هن باطني فرقي جو بنياد وڌو. انهي زماني ۾ حڪيم عمر خيام به نظام الملڪ وٽ پهتو مگر هن ڪنهن ملڪي خدمت جي خواهش ڪانہ ڏيکاري بلڪ هن هيءَ خواهش ڪئي تہ منهنجي لاءِ ڪو اهڙو بندوبست ڪيو وڃي جنهن ڪري آءٌ ملڪ ۾ روشني پکيڙي سگهان. انهي خواهش کي پورو ڪرڻ نظام الملڪ جي لاءِ تمام آسان ڪم هو. هن نيشاپور جي خزاني مان ٻارهن سؤ (۱۲۰۰) اشرفيون ساليانو وظيفو ان کي مقرر ڪرائي ڏنو. ان کان پوءِ ملڪ شاھ به ان جو گهڻو قدر ڪيو ۽ جڏهن بادشاھ تقويم ملڪ جي اصلاح جو ارادو ڪيو تڏهن عمر خيام کي انهن ماڻهن ۾ داخل ڪيو جن کي انهي ڪم جي لاءِ هُن چونڊيو هو. انهيءَ اصلاح جو نتيجو سنہ جلالي هو جنهن جو تتبع اڪبر پنهنجي زماني ۾ ڪيو ۽ سنہ الاهي نالو رکيائين ۽ هينئر برٽش عملداريءَ ۾ انهي سنہ کي فصلي سال چون ٿا. ان جي شروعات سنہ ۸۱ ورهيہ مسيح کان اڳ ڪئي ويئي هئي ۽ وري قيصر جوليس شاھ روما ان کي ترقي ڏني ۽ حڪيم عمر خيام نيشاپوريءَ ۱۰ مارچ سنہ ۱۰۷۹ع جي ان جي پوري تڪميل ڪرڻ بجاءِ سال يزوجدوي جي سنہ جلالي شروع ڪيو. ان جي تقليد ۽ پيروي گري گوري تيرهين روما جي پوپ سنہ ۱۵۸۲ع ۾ ڪئي ۽ هينئر سڄي جهان جي جنتري انهي علم هيئت تي قائم آهي. معلوم رهي تہ هي سڀ جهڳڙا شمسي ۽ قمري مهينن جي سببان آهن. پهريائين سڄي دنيا ۾ قمري سال

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سان گذريوه سيني مسلمانن جي قلبن تي سندس حڪومت هئي ۽ پاڻ دين ۽ دنيا ڪي گڏ هلايائين ٿي. سندس اولاد تمام گهڻو هو. سندس وفات بغداد ۾ ٻارهين ربيع الثاني ۽ ڪن وٽ نائين ربيع الثانيءَ جي ٿي ۽ بغداد ۾ ئي مدفون ٿياء.

## حضرت شيخ ابونجيب سهروردي رحه

ولادت سنه ٤٩٠هه وفات سنه ٥٦٣هه

سندس ولادت سهرورد ۾ ٿي جو عراق عجم ۾ آهي. سندس نالو عبدالقادر هو ۽ ابونجيب سندس ڪنيت هئي. سندس خطاب يا لقب ايترا گهڻا هئا جنهن ڪري هو ڪنهن هڪڙي لقب سان خاص طرح مشهور ٿي ڪين سگهيو. سندس شجره نسب ٻارهينءَ پيڙهيءَ سان حضرت ابوبڪر رضه سان وڃي ٿو ملي. جوانيءَ جي شروعات ۾ پاڻ بغداد ۾ آيو ۽ اتي ئي رهي انتقال فرمايائين. ظاهري خواه باطني علمن سان پاڻ مالامال هو. ملڪ شاه سلجوقي جي وزير اعظم نظام الملڪ طوسي سنه ٤٥٧هه ۾ بغداد جي ايرندي پاسي ۾ دجله نديءَ جي ڪناري تي جيڪا نظاميه نالي عظيم الشان يونيورسٽي قائم ڪئي هئي تنهن جو هي ٥٤٥هه ۾ پرنسپل مقرر مقرر ٿي ويو. سندس خود ذاتي مدرسو به هو. سنه ٥٤٨ هه ۾ نظاميه يونيورسٽيءَ کي ڇڏي پاڻ خود پنهنجي مدرسي ۾ تعليم ڏيڻ لڳو. سندس مدرسي جون به شاخون هيون هڪڙيءَ ۾ ظاهري علم پڙهايو ويندو هو ۽ ٻئي ۾ باطني علم پڙهايو ويندو هو. انهي ئي سبب ڪري سندس لقب امام الطائفتين به هو.

علم حاصل ڪرڻ ۾ پاڻ ڪنهن به فرقي جي لحاظ کي ڇڏي گهڻن ئي ماڻهن کان مدد ورتي. انهي طرح علم باطنيه ۾ به پنهنجي پير ۽ چاچي شيخ وجيه الدين سهرورديءَ کان سواءِ گهڻن ئي بزرگن کان فيض حاصل ڪيائين. جهڙي طرح علم حاصل ڪرڻ ۾ پاڻ آزاد هو تهڙي طرح پيا ماڻهو به ڪانئس ظاهري ۽ باطني علم سکڻ ۾ بي تڪلف رهندا هئا. ان جو نتيجو هيءَ ٿيو جو هينئر

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيترا بہ سلسلا صوفين جا آهن تن مان ڪوبہ سندس باطني فيض کان بي‌نياز ڪونہ آهي. سندس خليفي حضرت نجم‌الدين ڪبريٰ کان خواجہ معين‌الدين چشتي اجميريؒ فيض حاصل ڪيو هو ۽ سندس خليفي شيخ شهاب‌الدن سهرورديؒ کان حضرت فريدالدين گنج‌شڪر فيضياب ٿيو. چشتيہ خاندان تي سندس اثر هن طرح آهي ۽ نقشبنديہ خاندان جي سرگروه خواجہ بهاوالدين نقشبند کي بہ ڏانهس چڱو عقيدو هو. سندس خليفن ۾ وڏيڪ مشهور هي آهن:
(۱) شيخ شهاب الدين عمر سهروردي (۲) شيخ نجم‌الدين ڪبريٰ (۳) شيخ عمار بن ياسر اندلسي (۴) شيخ ڪبير مصري (۵) خواجہ اسماعيل فقري (۶) شيخ عبدالله رومي (۷) شيخ جمال‌الدين عبدالصمد زنجاني (۸) شيخ عبدالرشيد ابهري.

سندس سلسلي ۾ حضرت سعدي مصلح‌الدين شيرازيؒ، حضرت خواجہ فريدالدين عطارؒ، مولانا شمس‌الدين تبريزيؒ، مولانا جلال‌الدين روميؒ، شيخ شرف‌الدين احمد يمني منيري بهاري وغيره گهڻائي نالي وارا حضرات ٿي گذريا آهن. سدا سهاڳ فرقو حضرت سدا سهاڳ احمدآباديؒ کان نڪتو آهي ۽ هو انهي سهروردي خاندان جو رُڪن بيان ڪيو وڃي ٿو.

جڏهن ڪو باطني علم جو طالب پنهنجي استاد وٽ ايندو هو ۽ ان جو وجود باطني علم جو لائق نہ دوندو هو تہ مجاهدات ۽ رياضيات جو حڪم استاد جي بارگاه مان صادر ٿيندو هو. رياضت مان هيءَ رياضت ۽ مطلب واري ڪانہ هئي جيڪا هينئر عبادتگاهن ۾ جاري آهي جو هڪ لونو گيهہ جو پي ماڻهو جاءِ مان ٻاهر نڪرن ٿا. بلڪ رياضت مان اها محنت گهربل هئي جنهن ڪري نفس جو غرور هليو وڃي. شيخ ابونجيب جي نسبت مشهور آهي تہ ظاهري علم جي حاصل ڪرڻ کان پوءِ جڏهن باطني علم ڏي ڀاڻ راغب ٿيو تڏهن پاڻي ڀرڻ جو ڏنڊو پاڻ اختيار ڪيائين. سڄي محلي وارن جو پاڻ پاڻي ڀريندو هو ۽ ان جي جيڪا مزوري ملندي هيس تنهن مان وقت‌گذاري ڪندو هو. مگر جڏهن هي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي. مسلمانن کان جڏهن عيسائين بيت المقدس ڦري ورتو هو تڏهن اهڙيون سخت لڙايون ڪيون ٿيون هيون جهڙيون عيسائين کان واپس وٺڻ تي ٿيون. انهي واپسيءَ ۾ صلاح الدين درميدان هو. لڙائيءَ جون حالتون ڪنهن بئي هنڌ بيان ٿينديون هتي فقط هيترو لکيو وڃي ٿو ته انهن صليبي لڙاين جي ڪري صلاح الدين جو نالو يورپ جي گهر گهر ۾ مشهور ٿي ويو. هندستان جا گهڻائي علماءَ صلاح الدين جا واقف ڪين هوندا مگر يورپ جو ٿوروئي ڪو لکيو پڙهيو ماڻهو اهڙو هوندو جو صلاح الدين جي احوال کان واقف نه هجي. صلاح الدين جي شروعاتي ترقي هن طرح ٿي جو سلطان عمادالدين کان پوءِ ان جي پٽ سلطان نورالدين سنه ۵۵۲ هه ۾ صلاح الدين کي دمشق جو ڪوٽوال مقرر ڪيو. انهن ٻنهي کي چوگان بازيءَ جو ڏاڍو شوق هو ۽ انهي چوگان بازيءَ جي ملاقات صلاح الدين کي ڪوٽواليءَ کان سلطاني مصاحبت تائين پهچائي ڏنو.

انهي زماني ۾ مصر جي بني فاطمه خاندان جو پڇاڙيءَ جو بادشاه عاضدلدين الله هو جو سمورو درباري اميرن جي هٿ ۾ هو ۽ درباري اميرن جو پاڻ ۾ اتفاق ڪونه هو. نورالدين، صلاح الدين جي چاچي کي مصر ۾ سڌاري جي لاءِ موڪليو ۽ صلاح الدين به پنهنجي چاچي سان گڏ ويو. صلاح الدين ۽ ان جو چاچو جن اميرن جي مدد لاءِ هئا تن جي مخالفن جروسلم جي عيسائي بادشاه کان مدد گهري ۽ هن عيسائي بادشاه سموري مصر تي پنهنجو قبضو ڪرڻ گهريو. هن حالت ڪري مصر جي خانه جنگي ڦري مذهبي لڙائي جو رنگ وٺي ويئي. نورالدين ملڪ شام جي عيسائي علائقن تي حملو ڪرڻ گهريو جنهن ڪري عيسائين مصر جو خيال ڇڏي ڏنو. نورالدين، صلاح الدين ۽ ان جي چاچي کي وري به مصر ڏي روانو ڪيو ۽ عيسائين کي مصر ۾ سخت شڪست پهتي جنهن ڪري صلاح الدين جو نالو مشهور ٿي ويو. ٻيون پيرو صلاح الدين پنهنجي چاچي سان گڏجي ويو ۽ جن درباري

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اميرن عيسائين جي مدد سان مصر جي اسلامي حڪومت کي ڊاهڻ ٿي گهريو تن جي پاڙ به پٽي ڇڏيائين. عاضدلدين الله 'صلاح الدين جي چاچي کي وزير ۽ صلاح الدين کي پنهنجو مشير خاص مقرر ڪيو

صلاح الدين پنهنجي چاچي جي مرڻ کان پوءِ سنه ٥٦٥ ه ۾ مصر جو وزير اعظم مقرر ٿيو. هن پنهنجي وزارت جي وقت ۾ مسلمانن ۾ اتفاق پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ شيعيت اسماعيليءَ جي بجاءِ هن اهل سنت و جماعت جو طريقو پڪيڙيو ۽ بغداد جي عباسيه خلافت جي دربار ۾ به هن جي وڏي عزت ٿي. انهي زماني ۾ رومين ۽ يونانين جي عيسائي فوجن مصر تي حملو ڪيو ۽ صلاح الدين جي تدبيرن ڪري انهن کي شڪست ملي. سنه ٥٦٧ ه ۾ عاضدلدين الله بيمار ٿيو ۽ ان جي حياتيءَ ۾ ئي صلاح الدين بغداد جي عباسي خليفي مستفي باالله جي نالي جو خطبو جاري ڪيو ۽ عاضدلدين الله جي مرڻ تي عباسيءَ جي سيادت ميجي صلاح الدين پاڻ کي مصر جو بادشاه مقرر ڪيو. يمن ۽ حجاز ۾ ارتداد يعني مرتد ٿيڻ جو زور هو. سنه ٥٦٩ ه ۾ اتي به هن پنهنجي فوج موڪلي پنهنجي حڪومت قائم ڪئي مگر سڪي ۽ خطبي ۾ بغداد جي خليفي جو ئي نالو رهڻ ڏنائين.

سنه ٥٦٩ ه ۾ دمشق جو سلطان مري ويو جنهن ڪري صلاح الدين دمشق ۾ آيو ۽ درٻاري اميرن امرائن کي سمجهائي نورالدين جي پٽ صالح کي تخت تي ويهاريائين ۽ اهڙي طرح حق نمڪ ادا ڪيائين.

انهي زماني ۾ حسن بن صباح قهستان يا ڪوه قاف ۾ هڪڙي حڪومت قائم ڪئي مگر هيءَ حڪومت فقيرن ۽ درويشن جي گادي هئي. جنهن جو تفصيل هي آهي ته انهي فقيري گاديءَ جي مريدن کي فدائي، حشائين يا باطنيه فرقو چوندا هئا. هنن مائهن جو مطلب هيءَ هو ته دنيا ۾ بااثر ماڻهو ماري ڇڏجن. جنهن ڪري وڏا وڏا علماءَ ۽ فقراءَ ۽ بادشاه انهن ماڻهن جي هٿان قتل ٿي ويا. سموري اسلامي ملڪن جا ماڻهو انهن کان ٻڄڻ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چوندي چوندي ان ۾ رکيا ويا هئا. جڏهن ڪوبه مريد بهشت جي سير لاءِ آيو ٿي ته ان کي بيهوش ڪرڻ جي دوا پياري بيهوشيءَ جي حالت ۾ ان کي بهشت پهچايو ويو ٿي. جڏهن هو ڪنهن حور تي گهڻو فريفتو ٿي پيو ٿي تڏهن اها حور ان کي بيهوشي جو پيالو ڏيئي چوندي هئي ته جيڪڏهن توکي منهنجو وصال منظور آهي ته وري دنيا ۾ وڃ ۽ فلاڻي ظالم ماڻهوءَ کي ماري وجهه. جيڪڏهن تون مري پئين ته شهيد ٿي هڪدم هليو ايندين ۽ جيڪڏهن غازي ٿي بچي وئين ته پوءِ سجاده نشين کان راهداريءَ جو پروانو وٺي هليو اچج. بيهوشيءَ جي پيالي پيڻ کان پوءِ جڏهن هو بيهوش ٿي پوندو هو ته قلعي جي ويجهو ڪنهن غار ۾ ان کي ڇڏيو ويندو هو جتي هن کي وري هوش اچي ويندو هو ۽ پوءِ هو حور جي فرمودي موجب اهو ڪم ضرور ڪندو هو. صلاح الدين جي عروج جي زماني ۾ انهي باطنيه فرقي ان جي جان وٺڻ به گهري هئي مگر هي بچي ويو. انهي ڪري جو هن جي هٿان دنيا جا وڏا وڏا ڪم ٿيڻا هئا.

سلطان صالح جي مرڻ ڪري مصر جي حڪومت به صلاح الدين جي هٿ ۾ آئي ۽ انهي وقت صلاح الدين دمشق جي اميرن امرائن سان اتفاق ۽ اتحاد قائم ڪرڻ جي سخت ڪوشش ڪئي ته موصل جا عيسائي انهن سان سازباز ڪري فساد نه پکيڙين.

نورالدين جو پڪو ارادو هو ته هو جروسلم کي عيسائين کان وري هٿ ڪري. مگر موت ان کي فرصت نه ڏني. صلاح الدين هي ڪم پنهنجي سر تي کنيو. پهريائين پهريائين سنه ٥٧٢ هه ۾ هن عقلان تي حملو ڪيو. جڏهن هن کي شڪست پهتي مگر پڻ مهنن کان پوءِ قلعه يعقوب فتح ڪري اڳيون بدلو ورتائين ۽ پڻ ورهين لاءِ عيسائين صلح ڪيو مگر صلح جي وقت ۾ ئي عيسائين وعدي خلافي ڪئي. جنهن ڪري صلاح الدين کي لڙائي جاري ڪرڻي پئي. انهي لڙائيءَ ۾ يورپ جا وڏا وڏا امير ۽ شاهزادا شامل ٿيا. صلاح الدين جي فتح ٿي ۽ گهڻائي عيسائي علائقا مسلمانن

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يعني مسعود ثاني، خسرو شاه ۽ خسرو جو لاهور کي تخت گاه بنائڻ واري ڳالهه کي وساري ٿا ڇڏين. تاريخي ڳالهه هي آهي ته لاهور جي غزنوي خاندان جي لاڳاپي کري خواجه صاحب لاهور آيو ۽ انهي وقت پرٿيراج ۽ لاهور جي بادشاه جي پاڻ ۾ دوستي هئي انهي کري هو اسلام جي اشاعت لاءِ دهليءَ ۽ اجمير تائين وڃي آيو ۽ اتي ئي رهي پيو. هڪڙي ڳالهه هيءَ به ٿئي وڃي ٿي ته غوري جن جو ارادو سڄي هندستان کي فتح ڪرڻ جو هو تن خواجه صاحب ۽ ان جي مريدن کي هندستان ۾ بطور پيش خيمه جي روانو ڪيو هو. مگر خواجه صاحب ۽ ان جا همراهي تارڪ الدنيا فقير هئا جن جو ملڪي معاملات ۾ شامل رهڻ ڪٿان به ثابت نٿو ٿئي.

خواجه صاحب جو خليفو بختيار ڪاڪي، خواجه صاحب جي حياتيءَ ۾ ئي دهليءَ ۾ وڃي رهيو هو. انهي کري خليفن جو سلسلو اجمير جي بجاءِ دهليءَ ۾ هليو ويو. خواجه صاحب جي جانشينن، خواجه صاحب جو نالو هندستان ۾ تمام گهڻو روشن ڪيو. اڪبر بادشاه جو آگره کان اجمير تائين پيرين پيادو مزار شريف جي زيارت لاءِ اچڻ ارادتمنداڻو هو يا ڪنهن پوليٽيڪل مصلحت سان هو. خواجه صاحب جي مشهوريءَ سبب هيڪاري گهڻو ٿيو. بهرحال هندستان جي اولياءُ الله جي جد اعليٰ هئڻ جو فخر سڀڪنهن طرح سان خواجه صاحب کي آهي ۽ هندستان ۾ دين اسلام پکيڙڻ به هڪڙيءَ حد تائين سندس ئي طرف ڏي منسوب ٿي سگهي ٿو.

## بختيار ڪاڪي

ولادت سنه ۵۶۱ هه وفات سنه ۶۳۴ هه

پاڻ خواجه قطب الدين بختيار ڪاڪيءَ جي نالي ۽ لقب سان مشهور آهي ۽ ڪڏهن مختصر طرح ڪيس فقط قطب صاحب به چوندا آهن. ماوراءالنهر جي علائقي اوش ۾ پاڻ پيدا ٿيو. سندس نسبي سلسلو چوڏهن پيڙهين سان حضرت امام حسين عليه السلام

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تائين پهچي ته سندس عمر اڃا ڏيڍ سال جي هئي ته سندس والد خواجه ڪمال احمد صاحب انتقال ڪيو. جڏهن ٻار پڙهڻ جي لائق ٿيو تڏهن ابوحفص نالي هڪڙي بزرگ وٽ علم حاصل ڪرڻ لاءِ ويڻ لڳو ان ڪان پوءِ ڪيس باطني علم جو شوق پيدا ٿيو ۽ بغداد ۾ پهچي خواجه معين الدين چشتيءَ جو مريد ٿيو. ڪي چون ٿا ته خود خواجه معين الدين اوش ۾ وڃي ڪيس مريد ڪيو. جڏهن خواجه معين الدين اجمير ۾ آيو تڏهن خواجه قطب الدين به ڪجهه ڏينهن ڪان پوءِ دهليءَ هليو آيو. پاڻ اجمير ۾ وڃڻ گهريائين ٿي مگر سندس پير ڪيس دهليءَ ۾ ئي روڪي ڇڏيو. ۽ خود خواجه صاحب اجمير ڪان اچي دهليءَ ۾ سندس ملاقات ڪئي. هي زمانو سلطان شمس الدين التمش جي حڪومت جو هو. مشهور آهي ته شمس الدين التمش خواجه قطب الدين جو مريد هو. شيخ نجم الدين صغرى دهليءَ جي شيخ الاسلام ڪي سلطان التمش انهي ڪري موقوف ڪري ڇڏيو هو جو هن جو خواجه صاحب سان حسد هو. پاڻ تمام ننڍپڻ ۾ مريد ٿيو هو. پاڻ رياضت ۽ مجاهدت تمام گهڻي ڪندو هو. صبر ۽ قناعت ۾ سندس درجو تمام اعلى هو. هڪ ڀيري سلطان شمس الدين التمش ڪيس ڪجهه ڏيڻ گهريو تڏهن پاڻ فرمايائين ته آءٌ توکي پنهنجو خيرخواه دوست ڪري ٿو سمجهان ۽ تون وري مون سان دشمني ڪرڻ ٿو گهرين. راڳ ٻڌڻ جو ڪيس گهڻو شوق هوندو هو. مشهور آهي ته هن شعر ته "ڪشتگان خنجر تسليم را، هر زمان ازغيب جان ديگرست" جو تڪرار ڪيترن ئي ڏينهن تائين قائم رهيو ۽ انهي ئي ذوق ۽ شوق ۾ پاڻ جان ڏنائين. سلطان شمس الدين سندس جنازي جي نماز پڙهائي هئي ۽ هي به مشهور آهي ته ان ئي ڪيس غسل به ڏنو هو. سندس مزار شريف پراڻي دهليءَ ۾ آهي ۽ بلڪل ڪچي آهي. سندس مزار جي ويجهو اهو منارو آهي جنهن کي قطب مينار سڏيو وڃي ٿو ۽ اهو سندس زماني ڪان ڪجهه اڳ قطب الدين ايبڪ ٺهرايو هو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تـڏهن سندس والـده صاحبہ شهر جـي عالمن کي گهرايو ۽ پنهنجي هٿ سان آڻي تيار ڪيل سُٽ جي دستار پنهنجي پٽ جي مٿي تي ٻڌرايائين. ان کان پوءِ پنهنجي والده صاحبہ کي پاڻ سان وٺي دهليءَ ۾ آيـو ۽ سلطان شمس‌الدين التمش جي استاد مولانا شمس‌الملڪ کان بہ تبرڪ طرح ڪجهہ پڙهي سَنَد حاصل ڪيائين. تنهن کان پوءِ باطني علم جي شوق ۾ پاڻ خواجہ فريدالدين گنج شڪر وٽ پاڪپٽن ۾ وڃي حاضر ٿيو. جتي ڪجهہ وقت رهي خرقہ خلافت حاصل ڪيائين ۽ سندس پير کيس دهليءَ روانو ڪيو. ان وقت دهليءَ جي سلطنت ۾ تفرقہ بازي شروع هئي جيئن تہ شمس‌الدين، رڪن‌الدين، رضيہ بيگم، معزالدين، علاوالدين، ناصرالدين ٿيهن چاليهن ورهين جي مدت ۾ هڪ ٻئي کانپوءِ تخت‌نشين ٿيندا رهيا ۽ هينئر غياث‌الدين بلبن تخت‌نشين سلطنت هو. غياث‌الدين کان پوءِ ان جو پوٽو معزالدين ڪيقباد تخت تي ويٺو جو سندس تمام گهڻو معتقد هو. ڪيقباد کان پوءِ جلال‌الدين خلجي، وري علاوالدين خلجي ۽ پوءِ مبارڪ شاه خلجي ۽ ان کان پوءِ غياث‌الدين تغلق تخت‌نشين ٿيو. هي سمورو وقت بہ ڪجهہ چاليهن پنجاهہ ورهين جو آهي. انهن بادشاهن جي ردوبدل ۽ تمام گهڻو فتنو فساد دهليءَ ۾ ٿيو ۽ سڀني وقت ۾ درباري امير وزير سندس مريدن مان هوندا هئا. مگر پاڻ ملڪي معاملات کان ايترو پري رهندا هئا جو انهن ڦيرين‌گهيرين بہ مٿن ڪجهہ اثر ڪونہ ڪيو. مريـد بيشمار مال ۽ دولت موڪليندا هئا ۽ هزارين ماڻهو ٻنهي وقتن جي ماني سندس لنگرخاني مان کائيندا هئا. سندن خـرچ ظاهري طرح بادشاهن جهڙو هوندو هو مگر خاص سندن غـذا يـا ڪاڌو تمام سادو هوندو هـو. سنہ ٧٢٥ هہ ۾ سندن وصال ٿيو ۽ انهي واقعي کان ٻہ مهينا اڳ ڪانئن جي جاءِ ۾ دهلي غياث‌الدين تغلق انتقال ڪيو هو. مشهور آهي تہ کين سماع جو گهڻو شوق هوندو هو ۽ سندن مريد امير خسرو انهي محفل ۾ ظاهري ۽ باطني ٻنهي حالتن ۾ مجلس جي رونق هوندو هو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهو مرثيو ڪيترن ورهين تائين دهليءَ وارا پڙهندا ۽ پنهنجن عزيزن ۽ دوستن کي ياد ڪري رئندا هئا.

جيتوڻيڪ امير خسرو جي شروعاتي شاعري ۽ شيخ سعديءَ جو آخري زمانو هو مگر هو هڪٻئي جي مشهوري ٻڌي چڪا هتا ۽ انهن ٻنهي جي پاڻ ۾ لکپڙهه به ٿي هئي.

امير خسرو، سلطان غياث‌الدين تغلق سان گڏ بنگال جي سفر ۾ هو ته انهي وچ ۾ هن کي پنهنجي پير جي انتقال جي خبر پهتي تنهنڪري دهليءَ پهچي هن پنهنجو سمورو مال ۽ اسباب لٽائي ڇڏيو. ۽ پنهنجي مرشد جي مزار مبارڪ تي مجاور ٿي ويهي رهيو ۽ دنيوي لاڳاپن کي هن بلڪل ڇڏي ڏنو ۽ ڇهن مهينن کان وڌيڪ زنده رهي نه سگهيو. پنهنجي مرشد جي وصيت موجب پنهنجي مرشد جي قبر پرسان ئي مدفون ٿيو. حضرت امير خسروءَ جون تصنيفون ان کان گهڻيون آهن جيڪي هينئر ملي سگهن ٿيون. ٻڌڻ ۾ آيو آهي ته محمدن ڪاليج علي‌ڳڙهه جي سيڪريٽريءَ انهن جي گڏ ڪرڻ ۽ شايع ڪرڻ جو ڪو خاص بندوبست ڪيو آهي ۽ ڏسجي ته ڪيتري قدر ان ۾ ڪاميابي حاصل ٿي ٿئي.

## مولانا مخدوم شاه اسماعيل رحم

ولادت اٺين صديءَ جي شروعات ۽ وفات اٺين صديءَ جي پڇاڙي

سندس ڏاڏي جو نالو ابوالجلال فخرالدين هو ۽ ابوالعباس باني خلافت عباسيه جي اولاد مان هو جو عدن جو حاڪم هو. ڪفار مغلن جي زماني ۾ دارالحڪومت ڇڏي جبلن ۽ بيابانن ۾ گهمندو وتيو. مگر سنه ٦٦٣ هه ۾ هلاڪو خان جي مرڻ کانپوءِ هو وري پنهنجي وطن ڏي موٽي ويو ۽ اچڻ کان ٿورن ڏينهن بعد ان جي پٽ ابوالعلا اعزالدين پنهنجي پيءُ جي مرڻ کان پوءِ عدن جي حڪومت پنهنجي هٿ رکي . هلاڪو خان جي جانشين اباقاآن جي مرڻ تي جڏهن ان جو ڀاءُ نڪودار احمد خان تخت تي ويٺو ۽ ان جي پڪي مسلمان هئڻ ڪري اسلام کي خوب

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رونق پهتي تڏهن اعزالدين وري پنهنجي موروثي رياست تي قابض ٿيو ۽ ان کي چڱيءَ ترقيءَ تي پهچايائين. مگر نڪودار خان جي جانشين سان ٺاهه ٿي نه سگهيو ۽ هن کي به پنهنجي پيءُ وانگر جبلن ۾ پناهه وٺڻي پئي. انهي وچ ۾ ان جي وفات کان پوءِ مولانا شاه اسماعيل ان جو جانشين ٿيو مگر هن عدن جي حڪومت جو خيال دل مان ڪڍي ڇڏيو ۽ هندستان ڏي اچڻ لاءِ تيار ٿي ويٺو. هي زمانو محمد تغلق جي حڪومت جو هو. جو عالمن جي وڏي عزت ڪندو هو. ان کان سواءِ حضرت نصيرالدين چراغ دهلوي حضرت نظام الدين اولياء جو جانشين، سندس مامون هو. ماسي جي ٿي زيارت جي شوق ۾ هو دهليءَ آيو. محمد تغلق کان اڳ گهڻائي بادشاه دهليءَ جي تخت تي ويٺا هئا مگر اهي سڀ پنهنجي ظلم ۽ زبردستيءَ سان تخت تي ويٺا هئا. هنن کي عام ماڻهن مقرر ڪونه ڪيو هو نڪي ورثي ۾ انهن کي تخت مليو هو نڪي بحيثيت اسلام خلافت رسول جي انهن کي ڪا سند ئي حاصل هئي. محمد تغلق، خليفي عباسيءَ کان حڪومت جي سند حاصل ڪئي. هن مان ظاهر ٿئو ٿئي ته عباسي خليفن جي خاندان جي عزت ۽ عظمت جهڙي طرح محمود غزنويءَ جي دل ۾ هئي ۽ مصر جي مملوڪيه بادشاهن وٽ هئي جو عباسي خليفن جي سند کان سواءِ سلطنت جو سڪو ۽ رعب هرهڪ طبقي جي رعيت جي دلين ۾ ويهي نٿي سگهيو تهڙي طرح محمد تغلق جي دل ۾ به اهو ئي خيال هو. تنهنڪري هن به عباسي خليفن جي دربار مان پنهنجي بادشاهيءَ جي سند حاصل ڪئي ۽ ممڪن آهي ته مولانا شاه اسماعيل جو هندستان ۾ اچڻ انهي ئي سلسلي ۾ ٿيو هجي. بهرحال جڏهن ته مولانا اسماعيل، رسول الله صلعم جي خاندان ۽ عباسي خلافت جي بانيءَ جي اولاد مان هو تنهنڪري محمد تغلق ان جي وڏي عزت ڪئي ۽ مخدوم زاده جي لقب سان ان کي سڏيندو هو جنهن ڪري هي لقب ان جي نالي سان لازم ٿي پيو جو آئنده هلي مشائخن جي طبقي ۾ مخدوم زاده جي بجاءِ مخدوم

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مشهور ٿي پيو. مولانا اسماعيل پنهنجن سيني همراهين سان جن ۾ سندس اهلبيت، فوج ۽ مصاحب ۽ پنج سؤ سوار به هئا هتي رهڻ لڳو. پاڻ فقه، حديث ۽ تفسير جو وڏو عالم هو. بادشاه هن جي ايتري خاطرداري ڪئي، جو عدن جي حڪومت جو خيال ان جي دل مان هليو ويو. محمد تغلق ڪان پوءِ فيروز تغلق تخت تي ويٺو. فيروز تغلق جي تخت نشينيءَ ۾ مولانا اسماعيل ۽ حضرت چراغ دهلوي به مددگار هئا.

فيروز شاه ڪان پوءِ جڏهن ان جو پٽ محمد شاه تخت تي ويٺو تڏهن مولانا اسماعيل سان ان جي اڻبڻت ٿي پئي. مشهور آهي ته هن پنهنجي هڪ ربيبه سان (جنهن جي ماءُ ان جي نڪاح ۾ اڳ ئي هئي) نڪاح ڪرڻ لاءِ تيار ٿيو جنهن جي حسن صورت تي هو چريو هو. هن لاءِ علمائن کان هن فتويٰ گهري. علمائن بادشاه جي نفس جي مغلوبيت ۽ حڪومت جي طاقت کان ڊڄي ۽ صحيح فتويٰ ڏيڻ ۾ پنهنجي جان جو ڊپ ۽ ان جي راءِ موجب فتويٰ ڏيڻ ۾ شرع اسلام جي مخالفت ڏسي مولانا شاه اسماعيل جي علم جي فضيلت ۽ درٻاري عالمن ۾ ان جي پلائي ظاهر ڪري بادشاه جو سورو خيال خاص آن ڏي ڦيرائي ورتو. مولانا صاحب سواءِ ڪنهن ڊپ ۽ خوشامد جي صاف صاف لفظن ۾ ان جي نڪاح کي حرام هئڻ جي فتويٰ ڏني. جنهن ڪري هو مولانا صاحب کان گهڻو رنج ٿي پيو. هيءَ حالت ڏسي پاڻ دهلي ڇڏي ڏنائين ۽ هنسوه ڏي هليو ويو جو اڪبر جي وقت کان وٺي اڄ تائين فتحپور سيڪري جي نالي سان مشهور آهي.

هن کان پوءِ جڏهن تغلق خاندان جي حڪومت هٽي ٿي پئي ۽ جونپور ۾ خودمختيار بادشاه سلطان ابراهيم تخت تي ويٺو تڏهن هن حضرت مخدوم محمد اسماعيل کي پاڻ وٽ جونپور گهرائي ورتو ۽ هن جي مرضي هئي ته ڪيس ڪو وڏو سرڪاري عهدو يعني صوبه داري ڏني وڃي مگر پاڻ پيرانه ساليءَ جو عذر پيش ڪيائين. انهي ڪري جونپور جي پسگردائيءَ ۾ هڪ هنڌ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيو ويو ٿو ته مخدوم صابريءَ جي خليفن ۾ حضرت شمس الدين ترڪ پاڻي پت وارو هو جو علاوالدين خلجيءَ جي فوج ۾ چتورڳڙه جي لڙائيءَ ۾ شريڪ هو. چتورڳڙه جي فتح ۽ مخدوم صابريءَ جي وفات جو ساڳيو وقت بيان ڪيو ويو ٿو. علاوالدين جي تخت نشينيءَ جو سال سنه ٦٩٥ هه ۽ مخدوم صابريءَ جي وفات جو سال سنه ٦٩٠ هه بيان ڪيل آهي. ممڪن آهي ته وفات جو سنه غلط هجي يا علاوالدين پنهنجي تخت نشينيءَ کان اڳ پنهنجي چاچي جلال الدين خلجيءَ جي سلطنت جي وقت ۾ چتور فتح ڪيو هجي. ڇالاءِ ته جلال الدين جي وقت ۾ به علاوالدين دکن هندستان ۾ گهڻيئي نمايان فتحون حاصل ڪيون هيون جي تاريخ سان ثابت آهن.

## بوعلي شاهه قلندر پاڻي پتي

### ولادت سنه ٦٠٢ هه وفات سنه ٧٢٤ هه

سندس پورو نالو لقب سميت شيخ شرف الدين بوعلي قلندر آهي. سندس پيءُ شيخ فخرالدين عراقي هو ۽ شيخ فخرالدين پاڻي پت واري جي خانقاهه ۾ رهندو هو. هڪڙي ڏينهن قلندرن جي هڪڙي جماعت سندس مهمان اچي ٿي جنهن سان پاڻ به گڏجي پيو. مگر شيخ بهاوالدين زڪريا ملتانيءَ ان کي قلندرن جي ڦندي مان ڇڏائي سلوڪ ۾ لڳائي ورتو ۽ پنهنجي نياڻي به ان کي نڪاح ۾ ڏنائين. مگر هي شيخ فخرالدين قلندر جي نالي سان جو مشهور ٿي ويو هو تنهنڪري قلندر جو لفظ آن ۽ ان جي اولاد جي نالي کان جدا ٿي نه سگهيو. انهي بيبيءَ جي وفات هڻ ڪري شيخ فخرالدين پنهنجي وطن عراق ڏي هليو ويو ۽ وات تي همدان ۾ سيد نعمت الله همداني جي ڌيءُ سان نڪاح ڪري ان کي به پاڻ سان وٺي ويو. انهي بيبيءَ مان شيخ نظام الدين عراق ۾ پيدا ٿيو ۽ جڏهن عقل ۽ هوش وارو ٿيو تڏهن تجارت جي ذريعي سان

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

امير تيمور گورگان صاحبقران جڏهن شيراز تي قبضو ڪيو تڏهن خواجہ صاحب کي گهرايائين ۽ خواجہ صاحب کان پڇيائين تہ، ”اگر آن ترک شيرازي بدست آرو دل مارا، نجال ہندوش بخشم سمرقند و بخارا را“ توهان جو شعر آهي؟ خواجہ صاحب جواب ڏنو تہ هائو. صاحبقران چيو تہ سمرقند ۽ بخارا منهنجو وطن آهي، مون سڄي ملڪ فقط انهن ٻن شهرن جي آباد ڪرڻ لاءِ فتح ڪيا ۽ توهان انهن جو هي قدر ڪيو جو هڪڙي ڪاري تر تي انهن کي صدقي ڪري ڇڏيو. خواجہ صاحب جواب ڏنو تہ، انهي فياضي ۽ سخاوت تہ منهنجي هيءَ حالت ڪئي آهي جا اوهان تي ظاهر آهي. صاحبقران کي هيءُ جواب گهڻو پسند آيو.

خواجہ صاحب شايد وطن کان پري ڪونہ ويو هو مگر تڏهن بہ ان جي حياتيءَ ۾ ئي ان جي ناموس سڄي جهان ۾ پکڙي وئي هئي. غياث‌الدين بنگال جي واليءَ کيس گهرايو هو مگر پاڻ مسافريءَ جي تڪليف سهي نہ سگهيو ۽ نہ اچڻ جي عذر ۾ جيڪو غزل لکيائين تنهن جو مقطع هي آهي:

حافظ ز شوق مجلس سلطان غياث الدين،
خاش شوکہ کارتو از نالہ ميرود.

سلطان احمد ابلڪاني خواجہ صاحب کي بغداد ۾ گهرايو مگر پاڻ اتي بہ ڪونہ ويو. سلطان محمود شاه جهمنيءَ جي درخواست تي پاڻ هندستان (دکن) اچڻ جو ارادو ڪيائين ۽ پيڙيءَ جي رستي گجرات کان دکن ڏي وڃڻ جو خيال ڪيائين مگر هرمز جي بندرگاه تائين پهچي جهاز ۾ چڙهڻ پسند نہ ڪيائين ۽ جيڪو جهاز پيشوائيءَ لاءِ آيو هو سو موٽي ويو. مشهور آهي تہ جهاز تي بہ چڙهي روانو ٿيو هو مگر طوفان لڳڻ سبب لهي پيو ۽ اڳتي لاءِ اهو ارادو ئي لاهي ڇڏيائين.

خواجہ صاحب تصوف ۾ بہ ڪماليت کي پهتل هو ۽ مشهور آهي تہ خواجہ بهاوالدين نقشبنديہ جو مريد هو ۽ خواجہ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فريدالدين عطار کان به فيض حاصل ڪيو هئائين. مگر ڪن جو خيال آهي ته خواجه جي مرشد جو ڪوبه پتو ڪونهي. پاڻ رياضت ۽ مجاهدت ڪندو هو مگر سلوڪ جي درجي کان ٻاهر ڪونه هو. هي ڳالهه بلڪل غلط مشهور آهي ته پاڻ مجذوب يا صوفي ديوانو هو. پاڻ پڇاڙيءَ جي حياتيءَ تائين درس ڏيندو هو. بادشاهي دربار ۾ به ايندو ويندو هو ۽ نصيحت آميز غزل لکندو هو. شايد ان جي ڪمال ۽ شاعرانه مذاق کي جنهن ۾ مئي ۽ معشوق جو بيان آهي هڪبئي جو ضد سمجهي ماڻهن ان کي مجذوب جو خطاب ڏنو گويا ان جي برآت (ڇوٽڪاري) ۾ پيش ڪيو باوجوديڪ ان جي ڪابه ضرورت ڪانه هئي. سعديءَ جي رنگ تي ان جي شاعريءَ ۾ هڪ تفنن سان گڏ اضافو هو. مصلّيٰ هڪ تمام نظاري جهڙو هنڌ رڪناباد درياءَ جي ڪناري تي آهي جتي خواجه صاحب اڪثر دل وندرائڻ لاءِ ويندو هو ۽ اتي ئي هڪڙي شمشاد جي وڻ جي هيٺان سندس قبر آهي. سندس ديوان مان فال وٺڻ جو دستور هندستان ۾ مروج آهي. بيان ٿيل آهي ته جهانگير اڪبر جي مرض الموت جي وقت پنهنجي پيءَ وٽ وڃڻ خوفائتو ٿي سمجهيو ۽ حاضر هئڻ به ان جي آئندي جي حياتيءَ لاءِ بلڪل ضروري هو. ان جي ڇڪتاڻ ۾ هن ديوان حافظ مان فال ورتي جنهن تي شعر سفر ڪرڻ يعني پيءَ جي خدمت ۾ حاضر رهڻ موجب نڪتو. جهانگير جڏهن خدمت ۾ حاضر ٿيو تڏهن اڪبر بادشاه ان جون سڀ خطائون معاف ڪري ڇڏيون ۽ شمشير خسروي ان کي عنايت ڪري تاج شاهي ان جي مٿي تي رکيائين. شاهجهان به انهي ديوان مان فائدو وٺندو هو ۽ داراشڪوه ته يقيناً ان تي فريفتو ٿيل هوندو. عالمگير ديوان حافظ جي اشاعت جي بلڪل خلاف هو. جنهن جو سبب ظاهر آهي. هو پنهنجي پيءُ ڏاڏي جي رسمن کي، جيڪي اسلام جي بلڪل خلاف هيون تن کي مٽائڻ هو پنهنجي پاليسي سمجهندو هو. پر تڏهن به ديوان حافظ پاڻ مطالع ڪندو رهندو هو. اتهي مان معلوم ٿو ٿئي ته خواجه صاحب جي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

معلومات جو حال بہ بخوبي ظاهر نٿو ٿئي مگر ايتري خبر پوي ٿي تہ هو هڪڙو وڏو شاعر هو ۽ سرمد ان جو تخلص هو. هن تي ڪيترائي الزام رکيا ويا هئا. هڪڙو تہ هيءُ جو برهنہ رهندو هو. ٻيو هي تہ فقط لاالہ چوندو هو الاالله ڪين چوندو هو. ٽيون هي تہ ان جي هڪڙي رباعيءَ مان هيءَ ڳالهہ ظاهر ٿئي ٿي تہ هو مسلمان ٿي معراج جسمانيءَ جو منڪر هو. اها رباعي هي آهي:

هر ڪو سير حقيقتش پاورشد		او پهن تراز سپهر پهنا درشد
ملا گويہ ڪہ برشد احمد بفلڪ		سرمد گويہ فلڪ بہ احمد درشد

سرمد جي قابليت جو لحاظ ڪري ۽ پڻ هي خيال رکي تہ دهليءَ جي سموري خلقت اُن ڏي مائل آهي. درباري اميرن کي ان جي قتل ۾ گهڻو تامل رهيو. مگر نيٺ ان جي قتل جو حڪم جاري ٿي ويو. ڏوهہ جي فتويٰ جو نقل ڪنهن بہ تاريخ ۾ ڪونہ آهي. حتيٰ ڪ عالمگير جي وقت جي تاريخ نويسن بہ انهي واقعي جي بيان ڪرڻ کان گوشو ڪيو آهي. مگر وقتاً فوقتاً جيڪي الزام حڪومت جي طرفان ان تي رکيا ويا هئا تن جو ذڪر ڪن ڪتابن ۾ آيو آهي. جن جو مختصر طرح مٿي بيان ڪيو ويو آهي.

قتل جي حڪم کان اڳ هڪڙي درويش ان کي چيو تہ توهين برهنگي ڇڏي ڏيو ۽ بادشاهي حڪم مڃي ڪپڙا ڍڪيو. جيڪڏهن توهان کي پاڻ تي رحم نٿو اچي تہ خدا جي ٻانهن تي رحم ڪريو جن کي اوهان جو امن ۽ عافيت سان گهڻو تعلق آهي. اُن وقت سرمد خود پنهنجو شعر پڙهيو ۽ ڪهڙو نہ چڱو شعر آهي تہ:

عمر است ڪہ آوازہ منصور ڪهن شد
من ازسرنو جلوہ دهم دام ورسن را.

جڏهن ان کي چيو ويو تہ توں لاالہ سان گڏ الاالله چو نٿو

sindhsalamat.com		books.sindhsalamat.com

چوين. تڏهن جواب ۾ هن جيڪي چيو تنهن جو خاص مطلب هي هو ته اڃا الاالله جي ماهيت مون تي چڱيءَ طرح پڌري ڪانه ٿي آهي تنهنڪري اڳتي قدم ڪيئن وڌايان. يعني غير الله کي دل مان ڪڍي ڇڏيان ته الله کي جڳهه ڏيان. مگر چيو وڃي ٿو ته جڏهن ان جو سير وڌيڪ پري وڃي پيو تڏهن ان مان ڪيترا ئي ڀيرا الاالله جو آواز آيو هو.

## سيد احمد بريلوي

### وفات ۱۳ صدي هجري

مولانا سيد احمد صاحب بريلويءَ جا سموري اتر ۽ الهندي هندستان جا ماڻهو واقف آهن. هي راءِ بريلي جو رهندڙ هو. تيرهين صدي هجريءَ ۾ سنت نبوي ان جي توجہ سان هندستان ۾ زنده رهي نه ته ماڻهو فقط آنحضرت صلعم جي تعظيم کي ڪافي سمجهندا هئا مگر سندن طريقي تي هلڻ جي پرواه ڪانه ڪندا هئا. هي عالم، محدث، واعظ، مجاهد ۽ وليالله هو. سندس شاگرد رشيد ۽ خليفي مولانا اسماعيل دهلويءَ سندس نالو گهڻو روشن ڪيو. سيد صاحب گهڻو ڪري سرحدي ضلعن ۾ گشت ڪندو رهندو هو. پاڻ پشاور ۽ هزاره ۾ گهڻن ئي مسلمانن کي سکن جي چنبي کان آزاد ڪرايائين. هندستان، افغانستان ۽ عرب ۾ سندس مريد موجود آهن. سندن هٿان هزارين هندو، عيسائي ۽ ٻين مذهبن جا ماڻهو مسلمان ٿيا. تيرهين صدي هجريءَ ۾ اَن جهڙو برگزيدو مسلمان ڪو ٿورو ئي گذريو هوندو. پاڻ سرحدي لڙاين ۾ شهيد ٿيو. تنهن کان پوءِ سندس سائي چوڌاري ٽڙي پکڙي پيا ۽ هو جتي به ويا اتي عزت سان رهڻ لڳا. پاڻ پنهنجن سائين ۾ حريت ۽ آزاديءَ جو روح ڦوڪي وڌو هئائين مگر هندستان جي آب و هوا سندس پيروي ڪندڙن سان موافق نه رهي. مولانا اسماعيل دهلويءَ کان سواءِ جنهن جي ذات سان گويا علم حديث جو چرچو هندستان ۾ قائم رهيو. ٻيو ڪو به سندس جانشين نامآور ڪونه ٿيو. اسلام

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنه ٤٦٠هه ۾ سلطان الپ ارسلان سلجوقيءَ هڪ وڏو مقبرو سندس قبر تي ٺهرايو ۽ ان جي ويجهو هڪڙي ڪاليج جو بنياد وڌو جنهن جو نالو شهد ابو حنيفه رکيائين. شهد ابو حنيفه ڪنهن زماني ۾ تمام پُر رونق هو. شيخ سعديءَ پنهنجي سفرنامي ۾ ان جو ذڪر لکيو آهي. اهو مقبرو اڄ تائين قائم آهي. ناصرالدين قاچار ايران جي اڳوڻي بادشاه به پنهنجي سفرنامي ۾ امام ابوحنيفه جي مقبري تي وڃڻ جو بيان لکيو آهي. هڪڙي ٻيءَ تاريخ ۾ لکيل آهي ته سنه ٣٣٥هه ۾ ملڪ شاه جلال الدين سلجوقيءَ امام صاحب جو مقبرو ٺهرايو هو ۽ ڪن ڳالهين موجب اهو پڇاڙيءَ وارو قول زياده صحيح معلوم ٿئي ٿو.

## ابوالقاسم منصور فردوسي طوسي

### وفات سنه ٣٦٧ هجري

ابوالقاسم منصور فردوسي گهڻو ڪري فردوسيءَ جي نالي سان مشهور آهي. هي طوس جي هڪڙي ڪڙميءَ جو پٽ هو مگر فارسي شاعريءَ ۾ ان کي ڪمال حاصل هو ۽ انهي ڪمال هن کي محمود غزنويءَ جي دربار تائين پهچايو جنهن کي فارسي زبان جي ازسرنو ڪرڻ جو خيال هو.

غزنيءَ ۾ جڏهن هي شاعر پهتو تڏهن عسجدي، فرخي ۽ عنصري ٽي وڏا شاعر شاهي دربار ۾ اڳئي داخل ٿيل هئا. سلطان جي هڪڙي وزير ماهڪ جي وسيلي سان هي بادشاه تائين پهتو. هڪڙي ڏينهن هي ٽيئي شاعر باغ ۾ ويهي شراب پي رهيا هئا ته فردوسي به انهن وٽ وڃي پهتو جنهن کي ڏسي هنن جي صحبت جو فرو هلي ويو. هنن کي خبر هئي ته فردوسي به شاعر آهي مگر نه ايترو جيترو هو پوءِ ثابت ٿيو. هنن شاعرن چيو ته اسان وٽ اهو ماڻهو رهي جو شعر چئي سگهي ۽ هيءَ راءِ مقرر ٿي ته سڀئي هڪڙي هڪڙي مصرع ڏاهي چون.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ ان جا اصولي خيالات اهڙا ئي هئا جهڙا هن وقت شيعن جا آهن. فردوسيءَ جو هي شعر ته:

براان زادم و هم بدين بگزرم ثنا گوي پيغمبر و حيدرم

ان جي اعتماد کي ظاهر ڪري ٿو. سلطان ۽ سلطان جي رفيقن جي رنجيدگيءَ جو سبب ڪجهه مذهبي اختلاف به هو.

پڇاڙيءَ سلطان محمود کي پنهنجي غلطيءَ جي خبر پئي. هن سمجهيو ته جهڙي طرح شاهنامو هميشه قائم رهندو تهڙي طرح منهنجي گلا جا بيت به منهنجي وعدي خلافيءَ جي يادگار ۾ هميشه قائم رهندا تنهنڪري هُن فردوسيءَ جي تلاش ڪرائي، مگر هو هڪڙي هنڌان ٻئي هنڌ ۽ ٻئي هنڌان ٽئي هنڌ ائين گهمندو وتيو. آخر جڏهن هو طوس ۾ اچي پهتو تڏهن محمود کي ان جي خبر ملي. سلطان محمود تمام گهڻو مال ۽ دولت ان ڏي ڏياري موڪليو مگر هيءَ دولت فردوسيءَ جي مرڻ کان پوءِ ان جي گهر ۾ پهتي. جڏهن سلطان وٽ اها خبر پهتي تڏهن بادشاه لکي موڪليو ته اها سموري ملڪيت فردوسيءَ جي وارثن کي ڏيئي ڇڏيو. مگر وارثن مان ان جي فقط هڪڙي نياڻي هئي جا همت ۾ پنهنجي پيءُ کان ڪا گهٽ ڪانه هئي. هن جواب ڏنو ته جڏهن منهنجي پيءُ اها دولت ڪانه ورتي تڏهن آءٌ به وٺي نٿي سگهان. جڏهن انهيءَ ڇوڪريءَ انڪار ڪيو تڏهن سلطان جي حڪم سان انهيءَ دولت مان فردوسيءَ جي قبر مٿان مقبرو ٺهرايو ويو. فردوسيءَ سنه ۴۱۱هه يا ۴۱۶هه ۾ وفات ڪئي. ان وقت هن جي عمر اسي ورهين کان به وڌيڪ هئي.

## حڪيم بوعلي سينا

حڪيم بوعلي سينا مسلمانن ۾ وڏو صاحب علم حڪيم ٿي گذريو آهي. هي بخارا ۾ پيدا ٿيو. سلطان محمود بن سبڪتگين ۽ امير قابوس جرجان جي واليءَ جو همعصر يا ساڳئي وقت ۾

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو. هي تمام چڱو ڳالهائيندڙ هو جنهن ڪري ان جو لقب حجت‌الحق هو. ١٢ ورهين تائين هن بخارا ۾ مناظرا ڪيا. ستن ورهين تائين هن خوارزم ۾ پاڙهڻ جو ڪم ڪيو. ان کان پوءِ هو جرجان ۽ جرجان کان اصفهان ويو جتي دستن جي بيماريءَ ۾ ٥٧ ورهين جي عمر ۾ فوت ٿيو. ولادت سنه ٣٧٣هه ۽ فارغ‌التحصيل هئڻ جي وقت ٣٩١هه ۽ وفات جو سال ٤٢٧هه آهي.

## حڪيم ابوالقاسم عنصري

حڪيم ابوالقاسم عنصري تمام وڏو شاعر ۽ تمام وڏو حڪيم هو. حڪيم ابوالفرح سنجريءَ جو هي شاگرد هو. عسجدي ۽ فرخيءَ جو استاد هو. هي بلخ ۾ پيدا ٿيو ۽ غزنيءَ ۾ اچي رهيو ۽ اتي ئي وفات ڪيائين. سنه ٤٣١هه ۾ هي فوت ٿيو ۽ اهو سلطان محمود جي پٽ مسعود جي حڪومت جو زمانو هو.

## حڪيم سنائي غزنوي

سنه ٥٢٩ هجري

حديقة الحقائق ان جو مشهور ڪتاب آهي. هي غزنيءَ ۾ هوندو هو ۽ ديوانن وانگر پيرين اگهاڙو گهمندو وتندو هو. ماڻهو ان جي حال تي افسوس ڪندا هئا ته هي چوندو هو ته توهين منهنجي حال تي افسوس نه ڪريو بلڪ خوشي ڪريو. ان جو ديوان به ديوان شيخ سنائيءَ جي نالي سان مشهور آهي. حڪيم سنائيءَ کي مولانا رومي به پنهنجن غزلن ۾ ياد ڪيو آهي. جيئن ته فرمائي ٿو ته:

عطار روح بود و سنائي دوچشم او
ما از پيءِ سنائي و عطار آمديم

سلطان بهرام شاه ابن سلطان مسعود جي زماني ۾ جيئرو هو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## مولانا شمس الدين محمد تبريزي

وفات سنه ٥٤٦ هه

هي رڪن الدين شمس جو مريد هو. پنهنجي پير جي ارشاد موجب هي قونيه روم جي ملڪ ۾ پهتو. جتي مولانا جلال الدين روميءَ سان هن جي ملاقات ٿي. مولانا جلال الدين عام طرح مولانا روم جي نالي سان مشهور آهي. مولانا شمس الدين، مولانا روم کي ڏٺو ته پاڻ آٽ تي سوار آهي ۽ گهڻيئي شاگرد ان جي اڳيان پٺيان ڊوڙندا وڃن. مولانا شمس الدين به باطني علم جي حاصل ڪرڻ کان اڳ ظاهري علم جي تحصيل ڪري چڪو هو ۽ انهي ڪري جلد ئي هن مولانا جلال الدين تي پنهنجو اثر پيدا ڪري ورتو. مولانا جلال الدين ان جي صحبت ۾ مشغول رهي پاڙهڻ ۽ تعليم ڏيڻ جي ڪم کان غافل ٿي پيو انهيءَ ڪري سڀئي شاگرد ان جا، مولانا شمس الدين جا دشمن ٿي پيا. هنن سمجهيو ته هن ديواني اسان جي استاد کي به ديوانو ڪري ورتو آهي. مشهور آهي ته سندس پير روم موڪلڻ وقت ان کي چيو هو ته
”ترا مي بايد به روم رفت سوخته ايست آتش دورے بايد زد“
ان جي مرڻ بابت مختلف ڳالهيون آهن. ممڪن آهي ته سندس دشمنن ان کي قتل ڪيو هجي.

## اوحد الدين انوري

هي شاعر هئڻ کان سواءِ تمام وڏو صاحب علم ۽ صاحب ڪمال هو. شروعات ۾ نهايت تنگيءَ سان گذاريندو هو. هڪڙي ڏينهن هن سلطان سنجر جي دربار مان هڪڙي ماڻهوءَ کي نهايت شان ۽ شوڪت سان نڪرندو ڏٺو. پڇڻ تي معلوم ٿيس ته هي شاعر آهي ۽ شاعريءَ جي ڪري ئي هن کي هيءَ عزت ملي آهي. رات جو هڪ قصيدو ٺاهي، ٻئي ڏينهن سلطان کي پيش ڪيائين. قصيدي جو مطلع (شروعات) هي هو:

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گر دل دوست بحر و کان باشد
دل دوست خدايگان باشد

انهي ڪري سلطان سنجر جي دربار ۾ ان جي رسائي ٿي ويئي ۽ هو وڏي مرتبي کي وڃي پهتو. خراسال ۾ خاوران نالي هڪڙو هنڌ آهي، هي اتي پيدا ٿيو هو. پهريائين ان جو تخلص به خاوران هو مگر پوءِ هن خاوران جي بجاءِ انوري تخلص اختيار ڪيو.

## فريد ڪاتب

هي انوريءَ جو شاگرد هو ۽ سلطان سنجر جو هي به مصاحب هو. جڏهن ماوراءالنهر ۾ سلطان کي شڪست پهتي تڏهن جيحون نديءَ جي ڪناري تي هو پريشان ٿي ويهي رهيو ۽ فريد کي چيائين ته ڪو برجستو شعر پڙهه، جنهن ڪري دل خوش ٿئي. فريد بروقت هي شعر پڙهيو ته:

رباعي

شاها ز سنان تو جهانے شد راست
تيغ تو را چهل سال زاعدا کين خواست
گر چشم بدي رسيد آن هم ز قضاست
کانکس که بيک حال بمانده است خداست

## شيخ نظامي گنجوي

وفات سنه ۵۹۲ هه

هي ظاهري ۽ باطني علمن ۾ ماهر هو. تمام گهڻو متقي ۽ قناعت وارو هو. ٻين شاعرن وانگر بادشاهن سان گڏ ڪونه رهندو هو بلڪ بادشاه آن سان ملڻ لاءِ ايندا هئا ۽ مثنوين جي لکڻ لاءِ عرض ڪندا هئا. جيئن ته بهرام شاه والي روم جي نالي مخزن اسرار ۽ خاقان ڪبير لکيائين. مينوچهر شروان جي بادشاه جي لاءِ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## امام فخرالدين عمر رازي

### وفات سنہ ٦٠٦ ھ

هي ري ۾ پيدا ٿيو ۽ ننڍپڻ ۾ پنهنجي پيءُ وٽ پڙهندو رهيو. پيءُ جي مرڻ تي هيءُ ڪمال سمنانيءَ وٽ باطني علم حاصل ڪرڻ لاءِ سمنان ويو. سلطان شهاب الدين غوريءَ جو هي همعصر هو. هي تمام سهڻو ۽ حشمت وارو بزرگ هو. جڏهن هي سوار ٿي ڪيڏانهن نڪرندو هو تڏهن ڪيترائي سو طالب علم ساڻس گڏ پيادا هلندا هئا. مختلف علمن ۾ هن جا ڪيترائي ڪتاب موجود آهن. سلطان علاوالدين تڪش بن ايل ارسلان جي نالي تي هن حدايق الانوار نالي ڪتاب لکيو هو. هي هرات ۾ فوت ٿيو ۽ اتي ئي دفن ٿيو.

## شيخ مجدالدين بغدادي

### وفات سنہ ٦٣٢ ھ

هي وڏو عالم واعظ ۽ طبيب هوندو هو. خوارزم شاه بغداد جي خليفي ناصر بادشاه کان هن طبيب جي بابت گهري. جنهن ڪري خليفي شيخ صاحب کي ڏياري موڪليو. قطب الدين محمد خوارزم شاه جي ماءُ تمام حسن واري هوندي هئي ۽ ان سان گڏ وعظ ٻڌڻ جي به شائق هوندي هئي. هڪڙي ڏينهن بادشاه شراب جي نشي ۾ مست ويٺو هو ته ڪن ماڻهن کيس هيءَ خبر آڻي ٻڌائي ته اوهان جي ماءُ شيخ مجدالدين سان حنفيہ مذهب موجب ڳجهہ ڳوهہ ۾ نڪاح ڪري ويٺي آهي ۽ وعظ ٻڌڻ جو فقط هڪ بهانو آهي. بادشاه شراب جي نشي ۾ حڪم ڏنو ته شيخ کي دجلہ نديءَ ۾ ٻوڙي ڇڏيو.

## شيخ نجم الدين ڪبريٰ

هي شيخ مجدالدين بغداديءَ جو پيءُ هو. پٽ وانگر هي به وڏو برگزيده شخص هو. جڏهن پٽ جي مرڻ جي خبر ان کي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پهتي تڏهن ان جي حالت ئي ڦري ويئي ۽ چيائين ته "انا لله و انا اليه راجعون" منهنجي پٽ کي ماڻهن وجهي ٻوڙي ڇڏيو ۽ هو مري ويو. ان کان پوءِ هن پنهنجو سر سجدي ۾ رکيو ۽ ڪجهه دير کان پوءِ ڪنڌ کڻي چيائين ته "مون خدا وٽ فرياد ڪيو آهي ۽ دعا گهري آهي ته منهنجي پٽ جي خون بها ۾ هو ان جو ملڪ ڦري وٺي" بادشاهه هيءَ خبر ٻڌي تمام گهڻو پشيمان ٿيو ۽ هڪڙي برتن ۾ ڪجهه اشرفيون ۽ تلوار ۽ ڪفن کڻي پيرين پيادو شيخ صاحب وٽ پهتو ۽ مٿو اگهاڙو ڪري ان جي سامهون بيهي رهيو ۽ عرض ڪيائين ته جيڪڏهن زر گهرو ٿا ته هيءَ حاضر آهي ۽ جيڪڏهن قصاص گهرو ٿا ته هي تلوار ۽ منهنجو سر حاضر آهي. شيخ جواب ڏنو ته "و کان ذالڪ فی الڪتاب منظورا" "ديت وے زر نيست بلکه جملهء ملک و سرتو برور و سرما و لسبيارے از خلايق درين قصه بباد فنا رود" سلطان نااميد ٿي موٽي آيو ۽ ان کان پوءِ ٿوري ئي وقت ۾ چنگيز خان چڙهائي ڪري سمورو ملڪ زير زبر ڪري ڇڏيو. وڏن وڏن واقعن کان پوءِ هن قسم جون خبرون اڪثر مشهور ٿي پونديون آهن. ممڪن آهي ته هي پيشنگوئي صحيح نه به ڪئي هجي. مگر هي واقعا صحيح آهن جي بيان ڪيا ويا آهن. چنگيز خان جي هٿان شيخ نجم الدين به قتل ٿيو. جنهن جي قبر خوارزم شاهه ۾ موجود آهي.

## شيخ فريدالدين عطار رحه

### وفات سنه ٦٢٧ هه

هن جو عطاري (سرهي) جو وڏو دڪان هوندو هو ۽ وڏو مالدار هوندو هو. هڪڙو درويش جنهن جا ڪپڙا ڦاٽا پيا هئا تنهن اچي هن کان ڪجهه گهريو. مگر ڪم ڪار جي گهڻائيءَ ڪري شيخ فريدالدين کي ان جو خيال نه رهيو تنهن تي فقير چيس ته "شيخ جيڪڏهن دنيا ۾ تنهنجي مشغولي ايتري قدر وڌيل آهي ته پوءِ تون ساهه ڪهڙيءَ طرح ڏيندين." شيخ چيس ته

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"جهڙي طرح تون ساهه ڏيندين آءٌ به اهڙي طرح ساهه ڏيندس."
درويش چيس ته ڀلا تون مون وانگر ڪيئن ساهه ڏيندين "ڇگو
ڏس" ائين چئي درويش اتي ئي سمهي پيو ۽ ڪاٺ جو پيالو
جو ان جي هٿ ۾ هو سو مٿي ڪان رکي فنا ٿي ويو. ممڪن
آهي ته هن ڳالهه ۾ ڪجهه مبالغو هجي. مگر گهٽ ۾ گهٽ
هي ڳالهه ته ضرور آهي ته هڪڙي درويش کي آسانيءَ سان
مرندو شيخ صاحب ڏٺو جنهن ڪري هن کي خيال اچي پيو ته
هن طرح جيڪڏهن دنيا جي ڌنڌن ۾ آءٌ قائل رهيس ته پوءِ روح
کي هن خاڪي بدن ڇڏڻ مهل گهڻي دقت ٿيندي. مطلب ته
شيخ صاحب به مال ۽ دولت کي ڇڏي فقيري اختيار ڪئي. ڪجهه
وقت شيخ رڪن الدين جي خدمت ۾ وڃي رهيو، تنهن کان پوءِ
بيت الله جي زيارت لاءِ هليو ويو. اتان موٽي گهڻي مدت شيخ
مجدالدين بغداديءَ جي خدمت ۾ رهيو ۽ اتي ئي فقيريءَ جو
خرقو ڍڪيائين. سندس عمر هڪ سؤ چوڏهن ورهيه بيان ڪئي
وڃي ٿي. سلطان سنجر جي وقت ۾ هي پيدا ٿيو. نيشاپور جي
پسگردائيءَ ۾ هي ڄائو هو. نيشاپور وٽ چنگيزخاني لڙائيءَ ۾
هي شهيد ٿيو. نيشاپور جي گهيري ۾ چنگيز خان جو نائي مارجي
ويو هو جنهن تي چنگيز خان قتل عام جو حڪم ڏنو. شيخ
فريدالدين هڪڙي مغل جي هٿ اچي ويو جنهن شيخ کي قتل
تي ڪيو ته سامهون هڪڙو شخص ظاهر ٿيو ۽ چوڻ لڳو ته هن
پڍي کي نه مار، هزار دينار ان جي خون بها ۾ آءٌ توکي ڏيان
ٿو. تنهن تي شيخ مغل کي چيو ته مون کي ايتري نه وڪڻ
آءٌ وڌيڪ قيمت لهان ٿو. اڳتي وڌيا ته هڪڙي ٻئي ماڻهوءَ چيو
ته هي پڍو مون کي ڏي، آءٌ توکي ان جي عوض هڪڙي ڀري
گاهه جي ڏيان ٿو جا تنهنجي گهوڙي کي ڪم ايندي. هن پڍي
جي مارڻ مان توکي ڇا هٿ ايندو. تنهن تي شيخ مغل کي چيو
ته هاڻي مون کي وڪڻي ڇڏ جو آءٌ گاهه جي ڀريءَ جي قيمت
به نٿو لهان. هن مان هي مطلب ٿو نڪري ته جيڪڏهن انسان

sindhsalamat.com          books.sindhsalamat.com

سلطان محمد قاآن ملتان جي حاڪم جي مرضي ٿي ته شيخ صاحب ملتان ۾ اچي رهي. مگر پيريءَ جي ڪري شيخ صاحب پنهنجو گهرٻار ڇڏڻ پسند نه ڪيو. امير خسرو جي لاءِ سفارشي خط شيخ صاحب محمد قاآن ڏي لکيو هو ۽ ڪجهه، پنهنجا غزل به موڪليا هئائين. سنه ٦٩١ هه ۾ شيخ صاحب وفات ڪئي ۽ شيراز ۾ دفن ٿيو. سندس مقبرو سعديه جي نالي سان مشهور آهي. وفات جي تاريخ ۾ ڪجهه اختلاف آهي. ۽ ائين معلوم ٿو ٿئي ته شمس الدين ابوالفرح بن جوزي، ظاهري علم ۾ سندس استاد هو ۽ شيخ شهاب الدين سهروردي باطني علم ۾ ان جو استاد هو.

## مولانا سعدالدين عبدالرحمان جامي

وفات سنه ٨٩٩ هجري

هي مولوي جاميءَ جي نالي سان گهڻو مشهور آهي. وڏو شاعر ۽ اهل دل هو. عربي ۽ فارسيءَ ۾ گهڻائي ڪتاب ان جا پڙهائڻ يعني درس ۾ ڪم اچن ٿا. سلطان ابوسعيد جي وقت ۾ هي گهڻو مشهور ٿي چڪو هو.

## شيخ سليم چشتي

وفات سنه ٩٧٩ هه

هي شيخ فريدالدين گنجشڪر جي اولاد مان هو ۽ وڏو صاحب ڪمال صوفي هو. اڪبر بادشاه جو هن ۾ وڏو عقيدو هو ۽ ان جي ئي نالي تي هن پنهنجي پٽ جو نالو سليم رکيو هو جو تخت سلطنت تي وهڻ کان پوءِ جهانگير جي نالي سان مشهور ٿيو. ٿي پيرا هن حج ڪيو. فتحپور سيڪري ۾ جو اڪبرآباد جي ويجهو هڪ مشهور هنڌ آهي اتي سندس مقبرو آهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زمين ۾ پيلا ٿي ڪري هن عربيءَ ۾ به اها ڪماليت حاصل ڪئي جنهن جو مثال عراق ۽ عرب ۾ ملي نٿو سگهي.

## شيخ ابوالفضل

وفات سنه ۱۰۱۱ هه

هي فيضي جو وڏو ڀاءُ هو ۽ وڏو زبردست عالم ۽ مدبر هو. سندس هڪ ڪتاب ابوالفضل فارسيءَ ۾ يادگار آهي. سلطنت جي ڪمن ۾ به هي دخل ڏيندو هو. شهزادي سليم جي مخالفت ۽ اڪبر بادشاه جي دوستيءَ ۾ هي هڪڙي هندو راجا جي هٿان مارجي ويو.

## مرزا صائب

وفات سنه ۱۰۸۰ هه

هن جو نالو ميرزا محمد علي تبريزي هو ۽ اصفهان ۾ پيدا ٿيو هو. جهانگير بادشاه جي وقت ۾ هي هندستان ۾ آيو. هندستان موٽي شاه عباس جي دربار ۾ رسوخ حاصل ڪيائين ۽ ملڪ الشعرا جو لقب حاصل ڪري اصفهان ۾ رهيو. فارسي غزلن جي چوڻ ۾ هن ڪي ڪماليت حاصل هئي. هن جي مزار تي ان جي وصيت موجب خود ان جو هي شعر اُڪريل آهي.

در هيچ پرده نيست نباشد بقائی تو
عالم پر است از تو وخاليست جاء تو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com